قومي عوامي تحريڪ جي بنيادي نظرياتي لائين، پاليسي ۽ حڪمت عملي
کي غلط ۽ گمراهه ڪندڙ واٽ تي وٺي وڃڻ خلاف

مرڪزي صدر

# اياز لطيف پليجو صاحب

کي لکيل خط

## پاران: رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

سربراهه قومي عوامي تحريڪ

# پيارا اياز

هزارين سالن جي عوامي جدوجهدن کان پوءِ هاڻي سڄي دنيا اندر اها حقيقت مڃجي چڪي آهي تہ پورهيت انقلاب (عوامي تبديلي) آڻڻ لاءِ هڪڙي انقلابي تنظيم لازمي آهي. نہ تہ حقيقت ۾ 1917ع واري روسي انقلاب کان اڳ سرمائيداري دور ۾ پورهيت طبقي اڪثر وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون، وڏيون مڙسيون ڪري، عوام دشمن قوتن خلاف پئرس ڪميون جهڙيون ڪيتريون وڏيون شروعاتي سوڀون حاصل ڪيون، پر هو جلدئي پوئتي پئي شڪستون کائي، سڀ ڪجهہ ڦرائي، في الحال سڃا سکڻا ٿي ويا. ان ڳالهہ جا جيڪي مکيہ سبب هئا انهن منجهان هڪڙواهو هو تہ عوام جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ڪا صحيح نموني بنايل ۽ صحيح ڍنگ سان هلندڙ انقلابي پورهيت تنظيم ڪانہ هئي.

اها تنظيم ڪهڙي هجي، ان ۾ ڪنهن ڪي ڪنهن کي شامل ڪجي، ان جا فيصلا ڪيئن ٿين، ان ۾ ضابطو ڪيئن قائم ٿئي، ان جي اڳواڻي ڪير ۽ ڪيئن ڪري، انهن ڳالهين تي سڄي دنيا جي انقلابين ۾ وڏا بحث مباحثا هليا. تان جو لينن اڳي مارڪس ۽ اينجلس جي تعليم جي روشنيءَ ۾ انهن سمورن بحثن ۽ اوستائين جي سموري انقلابي تجربي جو نچوڙ ڪڍي، هڪڙي صحيح مارڪسي، ليننيِ، انقلابي پورهيت تنظيم جو نظريو ۽ رٿا پيش ڪئي ان رٿا جي سخت مخالفت ڪئي ويئي. ايتري قدر جو سندس تنظيم جا ذري گهٽ اڌ جيترا ساٿي ان مسئلي تي ساڻس اختلاف رکي، سندس دشمن ٿي پيا ۽ وڃي پنهنجو الڳ ٽولو ٺاهيائون. تاريخ ۾ انهن کي مينشويڪ سڏجي ٿو ڀيا جيڪي بظاهر نيڪ نالا ۽ مينشويڪن کان ڏار هئا انهن ۾ وري ٽراٽسڪائيءَ جي ٽولي وارا لڪل انقلاب دشمن شامل هئا جن انقلابي تحريڪ جو بيڙو ٻوڙڻ جي سازش ۾ ڪا بہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. انقلابي تنظيم بابت مارڪسي ليننی تعليم جي روشنيءَ ۾ چين، ويٽنام ۽ دنيا جي ٻين



Gul Hayat Institute

گهڻن ملڪن جي انقلابين ۽ انقلابي تنظيمون ناهيون ۽ انقلاب جي سائنس ۾ نوان تجربا ۽ واڌارا ڪيا. هن ملڪ ۾ بدقسمتيءَ سان اسان وٽ تقسيم وقت ٻاهران هڪڙو هترادو پڙهايل سيڪاريل انقلاب دشمن عوام دشمن ٽولو پاڪستان جي عوام کي گمراهه ڪري ملڪ ۽ عوام تي ناجائز قبضو ڪرڻ لاءِ پاڪستان موڪليو ويو. هنن هڪڙي انقلابي تنظيم تي عوام لاءِ ڪم ڪرڻ بدران هڪڙو سازشي انقلاب دشمن ٽولو تي عوام خلاف ڪڏا ڪرتوت ڪيا. جنهن عوام جي گهٽائيءَ جي فائدي واري انقلابي سياست بدران پنهنجي ننڍڙي ٽولي جي فائدي واري گلاخوري، چڙواڳي، ٻٽاڪ، ڪوڙي پروپيگنڊا ۽ هٽ ناٽ جي انقلاب دشمن سياست کي رائج ڪيو ۽ انقلابي ڪارڪنن کي تيار ڪرڻ بدران ڄاڙي باز ناٽڪي، مڪريل ۽ فتني خور ڏوتيون پيدا ڪيائون، جن کي جدوجهد بدران سازش ۽ جاسوسي ڪرڻ ۽ ففٿ ڪالم بنجڻ جي تربيت ڏنائون. هنن ماڻهن هن ملڪ ۾ خاص ڪري مظلوم قوميتن جي عوام مٿان انقلابي سياست جي نالي ۾ پنهنجي ننڍڙي عوام کان ڪٽيل ۽ عوام جي جاني دشمن ٽولي جي رجعت پرست ۽ عوام دشمن ڊڪٽيٽر شپ مڙهي، سندن انقلابي جدوجهد کي ڪيترائي سال لوڙهو هٽي، ڪين بيوس ۽ بيواهه بڻائي ڇڏيو.

جتي ظلم آهي اتي ظلم خلاف نفرت پيدا ٿئي ٿي ۽ ان سان مقابلو ٿئي ٿو. ملڪ جي ٻين علائقن جي ماڻهن وانگر سنڌ جي ماڻهن ۾ به هن انقلاب دشمن ڊڪٽيٽرشپ خلاف نفرت پيدا ٿيڻ لڳي ۽ جنهن رکي رکي نيٺ وڃي هڪ ٽانڊي جو روپ ورتو. سنڌ جي انقلابي وطن دوست ڪارڪنن انقلاب دشمن نقلي ترقي پسند ٽولن جي سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن نظرياتي ۽ سياسي ڊڪٽيٽر شپ خلاف سنڌ اندر نظرياتي، تنظيمي ۽ سياسي جدوجهد جو جهنڊو بلند ڪيو. هنن سمورن انقلاب دشمنن جي ذاتي الزامن، بهتانن، فتنن، سازشن، پروپيگنڊائن ۽ مخالفتن جو وڏي سهپ، ثابت قدمي، اورچائي، حوصلي، مڙسي، دليري ۽ سورهيائيءَ سان مقابلو ڪري طوفاني حملن

Gul Hayat Institute

جي وچان پنهنجي انقلابي وطن دوست تنظيم جو پايو وڌو. اها تنظيم جيئن طوفانن جي وچ ۾ پيدا ٿي آهي، تيئن لڳاتار طوفاني دورن مان لنگهندي رهي آهي. ان سموري عرصي ۾ کيس کليل توڙي ڳجهن محاذن تي ڇتيون ۽ زبردست ويڙهيون ڪرڻيون پيون آهن. ملڪ جا حاڪم طبقا کيس هميشه پنهنجي اک جو ڪنڊو ڪري سمجهندا رهيا آهن. ڪوبه دور ڪابه حڪومت اهڙي ڪانه آئي آهي جنهن ان تي ڇتا حملا نه ڪيا هجن ۽ ان کي طرحين طرحين جا گهيرا وجهي، ڦاسائي ناس ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي نقلي ترقي پسند ۽ نقلي قومپرست ٽولا جيڪي ظاهري طرح حاڪمن جا مخالف ۽ عوام جا گهڻگهرا بنجي عوام جي وچ ۾ ويٺا هئا ۽ جيڪي وقت جي حاڪمن ۽ هڪ ٻئي سان ذاتي ۽ ٽوليبازي جا اختلاف رکندي به حقيقت ۾ حاڪم طبقن جي ئي عوام دشمن سياست وڌيڪ هوشياري، چالاڪيءَ ڍاهپ سان هلائي رهيا هئا، سي به انقلابي وطن دوست تنظيم تي حملا ڪرڻ لاءِ ان کي ڪچلڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا رهيا آهن ۽ ان ڳالهه ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. گهڻو ڪري هو هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي پئي رهيا آهن. انهن مان ڪنهن به ڌر انقلابي وطن دوست ڪارڪنن خلاف ڪابه ڪوڙي پروپيگنڊا هلائي ٿي ته ٻيون ڌريون هڪدم ان کي سُر جهلائي، ان جي پروپيگنڊه کي وڌيڪ زور شور ۽ شدمد سان ڦهلائينديون رهيون آهن.

اهي عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن قوتون نه رڳو اسان جي تنظيم کان ٻاهر بيهي اسان سان وڙهنديون رهيون آهن، پر اڪثر انهن جي عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن سوچ جا زهريلا اثر ۽ ڪيترا سندن سنوان سڌا ايجنٽ اسان جي صفن اندر گهڙي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي پئي ويا آهن. اهي اسان ۾ پيهي، اسان جا ٿي، اسان سان ويڙهه ڪندا رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته هو وڏي رٿابندي ڪري اسان جي اڳين صفن ۾ پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي پوءِ اسان تي اوچتو پٺ کان حملو

Gul Hayat Institute

ڪري اسان کي في الحال چڪرائي ڇڏڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي پئي ويا آهن.

اسان جي تنظيم پنهنجن مقصدن ۽ مرادن جي خيال کان پورهيت طبقي جي انقلابي وطن دوست تنظيم آهي، ان جي شروعات کان وٺي اها ڪوشش پئي رهي آهي تہ پاڻ مان ڏاڪي بہ ڏاڪي پنهنجيون تاريخي ورثي طور مليل ڪمزوريون دور ڪري ۽ انقلابي عوام جي انقلابي استادن جي نظريي سان هٿياربند هڪ انقلابي وطن دوست پورهيت تنظيم ۾ جيڪي گڻ، لياقتون ۽ صلاحيتون هئڻ کپن سي آهستي آهستي، ڏاڪي بہ ڏاڪي پاڻ ۾ پيدا ڪري ۽ هڪ صحيح رُخ وٺي اڳتي وڌون ۽ شاندار سويون ماڻيون. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي تنظيم ڪافي ڪوششون ڪيون آهن.

اهي سويون اسان جي عوام ۽ تنظيم ڪي رات وچ ۾ يا خوش قسمتيءَ سان آسان نموني حاصل نہ ڪيون آهن. تنظيم کي اڳتي وڌڻ لاءِ وک وک تي گهڻ طرفي ويڙهہ ڪرڻي پيئي آهي ۽ ڏکي اڙانگي جدوجهد هلائڻي پيئي آهي. اسان کي نہ رڳو ٻاهرين دشمنن سان پر اندرين مخالفن سان بہ منهن ڏيڻو پيو آهي. انهن اندرين توڙي ٻاهرين مورچن تي مقابلن کان پوءِ ئي اسين اڳتي وڌي اجوڪي منزل تي پهتا آهيون. اڳي وانگر هن وقت بہ اسان جي تنظيم کي ڪيترا ئي نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي مسئلا درپيش آهن. جن کي حل ڪرڻ کانسواءِ اڳتي وڌڻ تمام ڏکيو آهي. اهي حل صحيح نموني فقط تڏهن ٿي سگهندا جڏهن اسين انهن کي راڄوڻي ڳوناڻي نموني يا ياري باشي جي نموني يا وڏيرڪي، سرمائيدار نموني، يا مڙئي ٽائيم پاس ڪرڻ، ڪم ٽپائڻ جي نموني نہ پر، انقلابي پورهيت وطن دوست نظريي جي روشنيءَ ۾ بااصول طريقي سان صحيح نموني حل ڪنداسون. صحيح جدلي سوچ، صحيح سياسي واٽ، صحيح حڪمت عملي ۽ تدبيرن کان سواءِ ڪنهن بہ انقلابي مسئلي جو جيڪو بہ حل ڪبو سو غلط ثابت ٿيندو. اڄڪلهہ پنهنجي پارٽي جنهن صورتحال مان لنگهي رهي آهي، ان ۾ ضروري ٿي پيو آهي تہ

Gul Hayat Institute

آئون توهان کي وري بہ هڪ ٻيو خط لکان، جنهن ۾ ڪوٽ لکپت جيل ۾ قيد دوران لکيل خط جا ڪي نقطا بہ پيش ڪريان ، جنهن ۾ مون لکيو هو تہ "منهنجا پيارا پٽ! ڪيترن مهينن کان سنيرندي سنيرندي نيٺ توکي اڄ هي خط ٻيو لکان، خط پٽ جي اڄ وچ جي تڪليف کي خيال ۾ رکندي، مون هي خط ايئن لکيو آهي، جو جيڪڏهن ٻيو خط موڪلڻ جو موقعو نہ بہ ملي تہ بہ جيڪا ڳالهہ چوٽي اتم تنهن جا مکيہ نقطا هن خط ۾ اچي وڃن. هن ۾ مون "بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار رهو" جي اصول هيٺ بهترين جي اميد رکندي، بدترين کي فرض ڪري ورتو آهي" پوءِ اهو خط تو سميت پارٽيءَ جي ساٿين کي پڙهايو ويو هو ۽ ڇپيو بہ هو. مقصد هي هو تہ جن لاڙن جي ان خط ۾ اپٽار ڪئي ويئي هئي تہ توهان بہ انهن تي غور ڪريو ۽ انهن مان جن کي درست سمجهو تہ پاڻ ۾ تبديلي آڻي ان تي عمل ڪريو ۽ پارٽي جا ٻيا ساٿي بہ انهن لاڙن کي ذهن ۾ رکي انهن جو شڪار ٿيڻ کان پاڻ کي بچائيندا رهن. ان ڳالهہ کي تمام گهڻو عرصو ٿي چڪو آهي، ان وچ ۾ آئون ۽ پنهنجي پارٽي تمام گهڻن لاهن چاڙهن مان گذري چڪا آهيون. تمام وڏو عرصو توهان پارٽي کان بلڪل لاتعلق رهيا، ان کان پوءِ منهنجي ۽ پارٽي جي ڪن ساٿين جي، ڪافي عرصي جي تمام گهڻين ڪوشش کان پوءِ توهان آهستي آهستي ٿورو ٿورو پارٽي ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت توهان قومي عوامي تحريڪ جا صدر آهيو. مون ان وقت توکي مخاطب ٿيندي لکيو هو تہ "چوندا آهن تہ ڊؤ جهلي هڪڙو واٽيون ٻيو مينهن ! پاڻ جهڙن ماڻهن لاءِ موٽر سائيڪل ۽ هڪڙو مسواڙ تي ڏيڻ جهڙو ڪمرو بہ جبل جيڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ چاهي ڏوهہ ڪنهن جو بہ هجي يا نہ هجي، پر اهي ننڍڙيون شيون بہ ليلان جي هار وانگر دوستن ۾ ڏوريون پيدا ڪري سگهن ٿيون.

ان گهوڙن هَنئي گهٽيون، دوستنيان دور ڪيون!

تون پورهيت عوام جي زندگيءَ کان گهڻو پري رهيو آهين، جن جي

Gul Hayat Institute

رهڻي ڪهڻي جو اثر تمام وڏي ڳالهه آهي. چوڻي آهي ته "سڳا سي سيڻ، جن جا پڪا اوڏڙا".

لطيف به چيو آهي:

گڏ جت گذران هو جڙ لڳي تنهن جاءِ

ماڻهو جهڙي ماحول ۾ رهي ٿو جهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏجي گذران اٿ ويهه، واقفيت ۽ دوستي ڪري ٿو انهن جا خيال، چڱائي برائي جا ماپا ۽ معيار پسندون ۽ ناپسندون، امنگون ۽ آدرش، شعوري ۽ لاشعوري طرح سندن لوںءَ لوںءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سندن قلب ۽ روح کي اڻ لکِين زنجيرن ۾ جڪڙيو ڇڏين!

من، اکيون، تَنُ تت، جتي جَنَب جيڏين.

مڙس ۽ نامڙس، رجعت پرست ۽ ترقي پسند وغيره ماڻهن جي وچ ۾ فرق جي بنيادي ڪارڻن مان هڪڙو بنيادي ڪارڻ رهڻي ڪهڻي جو فرق ۽ تضاد به آهي. ڪو ماڻهو عوام سان پيار ۽ سندس خدمت ڪرڻ جون ڪيڏيون به ڳالهيون پڙهي، ٻڌي ۽ ڪري، پر جي سندس رهڻي ڪهڻي سراسر عوام جي ابتڙ هونديءَ ته خواهش ۽ نيت ڪٿي ڪهڙي به سٺي هونديءَ ته به عام طرح هو عوام دوستي ۽ عوام جي خدمت جي ڳالهين تي مضبوطيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ۽ توڙ تائين هرگز قائم رهي نه سگهندو. ان ڪري ڪهڻي سان گڏ رهڻي جي به بنيادي اهميت آهي. شاه تڏهن ته هيئن چيو آهي :

تنهن ڪهڻي ڪبو ڪوه؟ جي رهڻي نه رهيو سپرين.

جي رهڻي سپرين کي رهائڻ جي لائق نه هونديءَ ته سڪڻي وات جي ڪهڻي ڪيس ڪهڙو پاڻ ڏانهن ڇڪي، پاڻ وٽ رهائي سگهنديءَ؟

هي جي هيترا ماڻهو زندگي جي وڏي عرصي تائين بي مثال جاکوڙن، قربانين ۽ سورهيائين جي باوجود توڙ تائين سچا، عوام دوست ۽ انقلابي نه ٿا رهي سگهن ۽ هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن نڪاڻ جي مرض ۾ ورتل ٻڪريءَ وانگر نڪاءَ ڏيو پورا ٿيو رهن، يا آهستي آهستي پوئتي هٽيو ختم ٿيو وڃن، سو ڇو؟ يا ته ماڻهوءَ تي اصلوڪي غلط رهڻي ڪهڻي جي ناناڻڪي نِڪ جي



Gul Hayat Institute

اوچتي ڇڪ پوندي آهي يا اهو آهستي آهستي پنهنجي اصلوڪي (پورهيت ۽ انقلابي) رهڻي ڪهڻي بدلائي، دشمن طبقن جي غلط رهڻي ڪهڻي جي ڏيڻ ۾ ڦاسي پوندو آهي.

تنهنڪري جيڪڏهن اسين صحيح انقلابي پورهيت واٽ تي هونداسين ته گهٽ پورهيئي سان گهڻيون وڌيڪ بهتر، ڪارائتيون ۽ دل گهريون شيون ۽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي پاڳلن وانگر اجائي هڻ هڻان ۽ ڇتي وٺ وٺان ڪانه ڪرڻي پوندي ۽ اسان کي سک ۽ آرام، وندر ۽ وروندهه ۽ پنهنجي بهتري واسطي، سوچ ويچار لاءِ ڪجهه وقت به بچي پوندو. هڪ سمجهو ۽ باشعور انقلابي مزدور ۽ مارو ماڻهو جي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ سان ڄڻ ڪنهن اسمِ اعظم جي ڦيٽي سان اسين ڪتن جي ڳُرڻ کان ڇڄندڙ ڊنل، هراسيل ۽ هوش خطا ٿيل ڏکندڙ سڃهي مان ڦري شينهن جا ٻچا ٿي پونداسين. ان رهڻي ڪهڻي ۾ ڪو اهڙو عجب اسرار سمايل ٿيئي ٿو. جو ماڻهوءَ جي ڪايا پلٽيو وڃي.

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته نالي وارن ماڻهن جا ٻار يا اڪيلا ٻار يا ڪنهن سبب دادلا ٻار يا ننڍي هوندي نالو ڪيندڙ ٻار وڏي هوندي ڪو خاص جوهر ڪونه ڏيکاريندا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي، منهنجي اها هميشه سوچيل سمجهيل ڪوشش پئي رهي آهي، ته تنهنجي رهنمائي ڪجي پر تو تي اجايو دٻاءُ نه وجهجي، توکي پيار ڏجي پر دادلو بنجڻ کان بچائجي، تون اجائي سک، پيار، شهرت، شين، پيسن ۽ آرام جي مٺي زهر کان بچين، پنهنجي عمر جي ٻين غريب ٻارن وانگر، ڏک سک ڏسين، گهر جي ڪنڌ مان ٻاهر نڪرين، ڌڪا ڌوما کائين، مڃي موري محنتي، جفاڪش ۽ جاڻو انقلابي مڙس ماڻهو بنجين." توکي خبر آهي ته تون "اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيو آهين، جنهن جا اڪثر ڀاتي پنهنجي ننڍڙي پتڪڙي دنيا ۾ ٿورڙا اهم ۽ مشهور آهن ۽ انهن جي ٿورڙي اهميت ۽ مشهوريءَ جا اولڙا توتي به پون ٿا. تنهن سان گڏ تنهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ توکي به ڪافي اهميت ۽ مشهوري آهي، بلڪ تنهنجي

Gul Hayat Institute

عمر جي حساب سان اها حد کان وڌيڪ ٽپي چڪي آهي. جڏهن ڪو مال (جانور) ڪنهن ڳاهه يا ٻي ڪاڌي ۾ قُوت گهٽي ڪائڻ کان پوءِ ان مان بيزار ٿي پوندو آهي، ته پاڳيا چوندا آهن، ته ڪچرجي پيو آهي. تون به حد کان وڌيڪ اهميت، شهرت ۽ مقبوليت سان ڪچرجي پيو آهين. تو وٽ انهن شين جو ايترو ضرورت کان وڌيڪ ذخيرو گڏ ڪيل آهي جو توکي نه رڳو ان ۾ واڌاري جي ڪا به ضرورت ڪانهي پر ان ۾ ڪافي ڪجهه گهٽتائي جي به توکي گهٽي پرواه ڪانهي. تنهنجي سوچ اها ٿي ڏسجي ته اهي شيون ڪنهن سبب جي ڪري گهٽجي جتي وڃي بيهنديون، اتي به اهي تنهنجي باقي زندگيءَ کي باوقار رکڻ لاءِ ڪافي رهنديون.“ پر توکي معلوم هجي ته ”جيڪڏهن تون صحيح واٽ ڇڏي انفراديت پرستي، زمانه سازي ۽ دنياداريءَ واري واٽ وٺندين ته ان تي جيترو تيز هلندين، جيترو اڳتي وڌندين ۽ جيترو ڪامياب ٿيندين اوترو دنيا جي هر پيار ڪرڻ جهڙي ڳالهه، مقصد ۽ هستيءَ کان پري هٽندو ويندين. اها واٽ توکي پين سان گڏ مون کان به ۽ سڀني ساٿ کان پري وٺي ويندي، بدر جي جنگ ۾ پيءُ هڪڙي پاسي هو ته پٽ ٻي پاسي، ”ڊان بهتا رها“ ناول ۾ به ايئن آهي، هڪ پاءَ ماڻهن سان، پيو وري انهن جي ويرين سان ته ٿيون نڪمون تماشائي ۽ ٽياڪڙ.“

جيئن مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت انقلابي پارٽين، پنهنجي مخصوص سياسي، سماجي، معاشي، ثقافتي ۽ ملڪي حالتن مطابق، پورهيت نظريي جي روشنيءَ ۾، پنهنجي لاءِ رهنما اصول، ضابطا، قائدا، قانون، مقصد ۽ جدوجهد ڪرڻ جا ڍنگ، طريقا، سياسي حڪمت عمليون، پاليسيون، تدبيرون، پارٽي هلائڻ ۽ فيصلي سازيءَ جا طريقه ڪار، پارٽي ۾ غورويچار ۽ ڇنڊ ڇاڻ کان پوءِ ماڻهن جي پرتيءَ جي طريقه ڪارن سميت، سائنسي بنيادن تي هڪڙا تنظيمي اصول طئه ڪري پارٽين کي هلايو. تيئن اسان جي تنظيم به هن ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌي عوام جي نفسيات، رهڻي ڪهڻي، ثقافت، سياسي، سماجي، معاشي صورتحال کي نظر ۾ رکندي، سائنسي بنيادن

Gul Hayat Institute

تي هڪڙا ضابطا، قاعدا، قانون، فيصلي سازيءَ جا طريقہ ڪار ادارن جي درجہ بندي ۽ اهميت، جدوجهد ڪرڻ جي ڍنگن ۽ طريقن سميت تنظيم سان ٻين لاڳاپيل مسئلن کي نظر ۾ رکندي، بنيادي تنظيمي اصول طئہ ڪيا، جنهن موجب مکيہ اهميت وارو تنظيمي اصول آهي، جمهوري مرڪزيت. جنهن جو مطلب آهي تہ تنظيم جا سمورا تنظيمي يا سياسي فيصلا واسطيدار ادارن ۾ ميمبرن جي گڏيل صلاح مشوري ۽ بحث مباحثي کان پوءِ متفقہ راءِ يا اڪثريتي راءَ سان ٿيندا. جنهن بعد انهن ڪيل فيصلن تي سموري پارٽي جا سمورا ميمبر بنا ڪنهن بهاني يا سبب ٻڌائڻ يا حجت ڪرڻ جي عمل ڪرڻ لاءِ پابند هوندا ۽ پارٽي فولادي ضابطي نظم ضبط رازداري ۽ نظريي جي پابندي ڪندڙ هڪڙي پورهيت انقلابي وطن دوست پارٽيءَ طور ڪم ڪندي، جنهن جو هي بنيادي تنظيمي اصول هوندو تہ فرد تنظيم جي تابع آهي، ٿورائي گهڻائي جي تابع آهي، هيٺيان ادار مٿين ادارن جي تابع آهن، سمورا ميمبر ۽ ادارا مرڪزي ڪميٽي جي تابع آهن. اسان جي تنظيم مٿين بنيادي تنظيمي اصولن تي عمل ڪندي، نہ رڳو شاندار جدوجهدون ڪيون آهن. پر پارٽيءَ اندر موجود موقعي پرستن ۽ ايجنسين جي ايجنٽن معرفت بار بار پارٽي ۽ ان جي قيادت خلاف ٿيندڙ بغاوتن، غدارين، الزام تراشين، سازشن، کي ناڪام پڻ ڪندي رهي آهي. ڪافي عرصو اڳ منهنجي طبيت جي ناچاڪائيءَ سبب آئون تنظيمي ۽ سياسي سرگرمين ۾ گهربل سرگرمي نہ ڪري پئي سگهيس، تنهن ڪري مون پارٽيءَ آڏو اهو مسئلو رکيو جنهن جي نتيجي ۾ مون کي صدارتي ذميوارين کان آجو ڪندي، سربراه طور مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءَ ٿيل مرڪزي ڪانفرنس ۾ مرڪزي ڪميٽي چونڊي وئي، جنهن پاڻ مان عبدالقادر رانتي کي صدر ۽ حڪيم هاليپوٽي کي جنرل سيڪريٽري سميت سچي باڊي کي چونڊيو. ان کان پوءِ 28 سيپٽمبر 2009 تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽي جي وري اليڪشن ٿي، ان مرڪزي ڪميٽيءَ گڏجاڻي ڪري پاڻ منجهان صدر اياز لطيف

Gul Hayat Institute

پليجي (توهانکي) ۽ جنرل سيڪريٽري محمد خان پرڳڙيءَ کي چونڊيو. ڏنو وڃي ته توهان عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ٿيڻ کان اڳ ۾ صرف هڪ سنا قانوندان، ليکڪ، چڱا مقرر ۽ مون ۽ زرينه جي پٽ طور سڃاتا ٿي ويا. پر عوامي تحريڪ جي صدر ٿيڻ کان پوءِ توهان جي قيادت ۾ پارٽيءَ طرفان ٿيل لانگ مارچن، جلسن جلوسن، ريلين ۽ ڌرڻن، توهان جي شخصيت کي سياسي طور سنڌ توڙي ملڪي سطح تي متعارف ڪرايو ۽ توهان کي اهوئي ساڳيو پروٽوڪول ڏنو ويو جيڪو پارٽي جي سربراه ۽ باني جي حيثيت ۾ مون کي ڏنو ويندو هو. جنهن جي ڪري پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا توهان کي تمام گهڻي اهميت ڏني ۽ ناليوارا سياستدان پڻ توهان وٽ ملاقاتون ڪرڻ لاءِ ايندا رهيا. جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو توهان پنهنجو پاڻ کي مون سميت سموري پارٽي کان مٿاهون سمجهڻ لڳا. ان صورتحال کي سمجهڻ لاءِ ٻيڪڏهن سياسي، نظرياتي، ضابطي، تنظيم سازي، تعليم ۽ تربيت، ادارن جي اهميت ۽ فيصلن ڪرڻ جي طريقڪار ۽ ٻين تنظيمي مسئلن بابت بردباريءَ، ايمانداريءَ ۽ دوراند يشيءَ سان اڳوڻي ۽ هاڻوڪي طريقہ ڪار جو جائزو ورتو ته معلوم ٿيندو ته موجوده دور ۾ پارٽي جي نظرياتي لائين، ضابطو رازداري، حڪمت عمليون، ڪم ڪرڻ جو ڍنگ، فيصلن ڪرڻ جو انداز نظرياتي تعليم ۽ تنظيمي صورتحال سميت ٻيا مسئلا پارٽي جي بنيادي اصولن، ضابطن ۽ قاعدن جي ابتڙ نظر ايندا. توهان صدر ٿيڻ کان وٺي هيستائين پارٽيءَ کي هڪ وڏيرڪي پارٽي وانگر هلايو آهي، مون مئي 1973 ۾ تحريڪ رسالي ۾ هڪ مضمون ۾ لکيو هو ته

"وڏيرڪي جدوجهد جي تنظيمي پاليسي

وڏيري طبقي جي تنظيمي پاليسي ٻه سنڌس مقصدن وانگر ٻچاپڙي هوندي آهي. هو ٻن قسمن جون تنظيمون قائم ڪندو آهي: هڪڙي اصلي، ٻي نمائشي ۽ نقلي. سندس اصلي تنظيم اُها وڏيرڪي ڳجهي تنظيم آهي، جا صدين کان هلندي اچي. اُن ۾ فقط وڏيرا شامل هوندا آهن. شادين مرادين، مرڻن پرڻن تي انهن جون

Gul Hayat Institute

ميٽنگون ٿينديون رهنديون آهن. سڀ فيصلا اوطاقن اندر بند ڪمرن ۾ ڳجهي نموني ٿيندا آهن، جن جي ٻاهر ٻاڦ به ڪانه نڪرندي آهي. ٻي تنظيم ظاهري ۽ نمائشي هوندي آهي. ان جو مقصد عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، وڏيرن کي اليڪشن ذريعي اقتدار جي ڪرسيءَ تي پهچائڻو هوندو آهي. اُنهن نقلي ۽ نمائشي جماعتن جا نالا بدلبا رهندا آهن. ڪڏهن انهن کي مسلم ليگ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، ته ڪڏهن وري ريپبليڪن پارٽي وغيره. پارٽين جو مالڪ ساڳيو طبقو هوندو آهي، فقط ليبل بدلبا رهندا آهن. اُهي تنظيمون ڪاغذي ۽ ڪوڪليون هونديون آهن. ماڻهو پائيندا آهن ته اُها انهن تنظيمن جي ڪمزوري ۽ مجبوري آهي، پر حقيقت ۾ ايئن ناهي. انهن کي ڄاڻي واڻي ڪوڪلو رکيو ويندو آهي، ته جيئن انهن تي عوام جو قبضو مضبوط نه رهي ۽ اهي وڏيري طبقي جي هٿ مان نڪري نه وڃن. وڏيرڪيءَ تنظيم ۾ جماعت ڪجھ به نه هوندي آهي، فقط وڏيرو قومي ليڊر سڀ ڪجھ هوندو آهي. هواهو بندوبست انهيءَ لاءِ رکندا آهن ته وقت اچي ته اُن عظيم اڳواڻ جي نالي ۾ جماعت کي جهڙي نموني وڻي اُهڙي نموني ڪتب آڻي سگهجي. عين وقت تي، جماعت ۽ عظيم اڳواڻ جي نالي ۾، قوم ۽ قومي ڪارڪنن جا تختا به ڪيڏي سگهجن. اليڪشن تائين انهن پارٽين ۾ وچئين ۽ هيٺئين وچئين طبقي مان ڪيترا قلم باز بيان باز ۽ ڄاڙي باز ماڻهو پرتي ڪري ڏيکاءَ لاءِ اهم عهديدار بڻائي رکيا ويندا آهن. پر سندن حقيقي ڪم پٽن ۽ مڱڻهارن وانگر وڏيرن جي شان ۾ قصيدا ۽ مداحون پڙهڻ ۽ مخالفن کي گاريون ڏيڻ هوندو آهي. اليڪشن تائين ڪين ٽيڳرون ڏيئي، خوب ڪارائي پياري ۽ پٽ نپري، لئي ۾ رکيو ويندو آهي. وڏيرا ميسٽا ٿيو سندن پٺيان پٺيان هلندا آهن. وچئين طبقي جا پٽ ۽ مڱڻهار ڦونڊ ۾ پرجي هلندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته لهي ايري ئي اسان تي پيو. اليڪشن کان پوءِ وڏيرا ڦري، قوم جا چونڊيل عيوضي ۽ پارٽي اڳواڻ ٿي پوندا آهن، ۽ سندن وڏيرڪي حڪومت ڦري، عوام جي حڪومت ٿي پوندي آهي. وچولي طبقي جا قلم باز ۽ ڄاڙي باز

سورما عادت موجب ڪجھ پوز هٽندا آهن، پر جلد ئي کين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي تہ "هاڻي وڏيرا پاڻ سرڪار ٿي چڪا آهن، هاڻي کين پٺن ۽ مڱڻهارن جي ضرورت ڪانهي. سيڪو ڪک پن ٿي وڃي، نہ تہ پارٽيءَ جو غدار ۽ عوام جو دشمن ٿي پوندو ۽ بچڙو ٿيندو!"

درحقيقت توهان ڪي درست ڪري، پارٽي، عوام ۽ قوم جي ڀلي لاءِ ڪتب آڻڻ جي لالچ ۾ مون سميت پارٽي جي ڀين سمجهو نظرياتي ۽ ذميوار ڪارڪنن توهان جي صدر چونڊجڻ کان بہ پهرين توهان ۾ موجود بظاهر ننڍڙين ننڍڙين خامين، بي ظابطگين کي نظرانداز ڪيو ۽ توهان جي راءِ کي جانچڻ، تپاسڻ ۽ چند ڇاڻ ڪرڻ کانسواءِ حد کان وڌيڪ اهميت ڏني، ان آسري ۾ تہ توهان پنهنجن تجربن مان سکي پاڻ ۾ درستيون ڪندا. پر ان جو نتيجو اسان جي سوچ جي ابتڙ نڪتو. توهان پنهنجي خامين ۽ بي ضابطگين تي ڪنٽرول ڪرڻ بدران اڳتي ئي وڌندا رهيا. جنهن جو نتيجو اڄوڪي صورتحال ۾ ظاهر ٿيو آهي.

پارٽيءَ جي صدر ٿيڻ کان وٺي هيستائين توهان جو سڄو زور صرف وڏن جلسن جلوسن، ريلن، مظاهرن، ميڊيا، اخباري بيانن، ڏيکاءَ واري سياست ڪرڻ تي ايس ايم ايس، سوشل ميڊيا ۽ پنهنجي پروٽوڪول تي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ توهان هر ذريعي کي پنهنجي شخصي مقبوليت ۽ ذاتي مشهوريءَ لاءِ ڪتب آڻيندا رهيا آهيو ان حد تائين جو توهان پارٽيءَ جي اصولن، ضابطن، نظرين ۽ پاليسين جا سمورا ليڪا لتاڙي پنهنجي مٿين مقصدن جي حاصلات لاءِ مون کان ۽ پارٽي جي صلاح مصلحت کان سواءِ سنڌ جي وڏيرڪي سياست جي شخصيتن ۽ پارٽين سان گڏ ويهڻ، اتحاد ڪرڻ، گڏيل پريس ڪانفرنسون ڪرڻ سان گڏ انهن جي سياست جو دفاع پڻ ڪندا رهيا آهيو. جن جو سنڌي عوام جي حقن ۽ وسيلن جي بچاءَ لاءِ ڪو اهم ۽ تاريخي ڪردار نہ رهيو آهي. هنن پاور پاليٽڪس جي کيڏارين ماضيءَ جي پنهنجين سمورين ڪوتاهين، عوام جو ساٿ نہ

Gul Hayat Institute

ڏيڻ واري روش جي دفاع لاءِ توهان کي پريس ترجمان مقرر ڪري پاڻ بظاهر جڻ ٻادا ٻي ميار بنجي ويهي رهيا. هاڻ ميڊيا اڳيان توهان هنن جي ۔اضيءَ جي هر ڪوتاهيءَ حو پنهنجي حساب سان جواب ڏيڻ جا پابند بنجي ويا. ان وچ ۾ هنن مان ڪنهن کي پور تي پيو ته گورنر راڄ جو مطالبو يا فوج يا فوجي راڄ جي حمايت ڪري تي چڙهيائون. وضاحت وري ٻه توهان ڪندا رهيا آهيو. (چري هش ۾ خوش).

توهان پنهنجي صدارت جي شروعاتي ڪجهه عرصي کي ڇڏي، باقي پوئين عرصي کان وٺي هيستائين شعوري طرح مختلف طريقن سان هڪ منظم مهم ۽ پنهنجي عمل ذريعي ۽ تقريرن ذريعي اهو تاثر ڏيندا رهيا آهيو ته جڻ ته توهان جي صدارت کان اڳ نه ته ڪي پارٽيءَ جا سنڌ، ملڪ ۾ ٻا ملڪ کان ٻاهر ڪي سياسي لاڳاپا هئا، نه ڪي پارٽي ڪي وڏا سياسي جلسا، مارچون، جدوجهدون يا سياسي اتحاد ڪيا، نه ئي وري پارٽي قيادت جي ڪا ميڊيا ۾ سڃاڻپ ۽ اهميت هئي، جيڪا ڳالهه سراسر غلط آهي. درحقيقت توهان جي صدارت کان اڳ ۾ پارٽيءَ طرفان ملڪي سطح تي اتحاد ڪرڻ ۽ تاريخي جدوجهدون ڪرڻ جي وڏي تاريخ آهي، جن مان ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا.

1. ملڪي اتحادن جي سلسلي ۾ پاڪستان جي ترقي پسند ڌرين جو پنهنجي ئي ڪوشش سان گڏيل اتحاد "پاڪستان عوامي تحريڪ" وجود ۾ آيو جنهن جا پاڻ ٻه ميمبر هئاسين.

2. ان کان پوءِ جنرل ضياءَ جي مارشلا دوران جڏهن اخبارن تي سخت سينسرشپ هئي تڏهن اخباري صحافين جي تنظيمن ايپنڪ جي صدر منهاج برنا ۽ پي.ايف.يو.جي جي صدر محمودالحق عثماني جي قيادت ۾ صحافين جي هڪ وفد پاڪستان جي ان وقت موجود سمورين سياسي پارٽين سان ملاقاتون ڪري ڪين سينسرشپ خلاف جدوجهد ۾ سنڌن ساٿ ڏيڻ لاءِ مدد گهري، پر پ پ پ سميت ڪنهن ٻه سياسي پارٽيءَ سنڌن ساٿ نه ڏنو. اهو وفد مون سان ٻه مليو پوءِ صلاح مشوري بعد عوامي تحريڪ صحافين جي تنظيمن (ايپنڪ ۽

Gul Hayat Institute

پي ايف يو جي) سان اتحاد ڪري ضياءَ طرفان لڳايل ميڊيا تي سينسرشپ خلاف تاريخي جدوجهد هلائڻ ۾ حصو ورتو ۽ عوامي تحريڪ جي سوين ڪارڪنن صحافين سان گڏجي ريگل چوڪ ڪراچي ۾ پرامن گرفتاريون پيش ڪيون، ۽ جيلن اندر مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتالون ڪيون.

3. ان ئي ضيائي دور ۾ راهوڪيءَ ۾ سنڌ جي لکين هارين کي گڏ ڪري تاريخي جلسي وسيلي مارشلا جو ڌهڪاءُ ختم ڪيو. ان جلسي ۾ مون تقرير ڪندي ضياءَ کي مخاطب ٿيندي هي تاريخي لفظ چيا هئا ته "هاڻي گهڻو ٿي چڪو سنڌ هاڻي توکي وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي گيٽ آئوٽ ضياءَ".

4. ضيائي مارشلا خلاف ملڪ جي سمورين سياسي ڌرين جو گڏيل اتحاد ايم آر ڊي ٺاهڻ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو ۽ ان طرفان هلايل جيل ڀريو تحريڪ ۾ هزارين مردن ۽ عورتن جون گرفتاريون پيش ڪيون عوامي تحريڪ جي گرفتار ساٿين ۽ سنڌياڻين جيلن ۾ همت ۽ حوصلي سان رهڻ جا تاريخي رڪارڊ قائم ڪيا. منهنجي ڪنوينرشپ دوران ايم آر ڊي منهنجي ڪوشش سان اها قرارداد پاس ڪئي ته مرڪز وٽ چار کاتا هوندا، باقي اختيار صوبن کي ڏنا ويندا.

5. ان کان پوءِ عوامي تحريڪ ۽ ٻين سياسي پارٽين جي ڪوششن سان ملڪ جي ترقي پسند پارٽين جي انضمام سان عوامي نيشنل پارٽي جي نالي سان ملڪ گير ترقي پسند سياسي تنظيم وجود ۾ آئي، جنهن جي پهرين مرحلي ۾ صدر خان عبدالولي خان، اسان جي پارٽي طرفان سينئر نائب صدر شهيدِعوام محمد فاضل راهو چونڊيا ويا. ٻي دور ۾ آئون ان جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويس. ان دوران پاڪستان جي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي طرفان افغان جنگ جي مسئلي تي ٿيندڙ جنيوا ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ اي پي سي ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ مون عوام ۽ پنهنجي پارٽي جو ڀرپور ۽ زوردار موقف رکيو هو.

Gul Hayat Institute

6. ان ئي دور ۾ منهنجي ۽ پارٽيءَ جي ڪوشش سان سارڪ ملڪن جي ترقي پسند ڌرين جو هڪڙو مشاورتي گروپ وجود ۾ آيو هو جنهن ۾ پنهنجي پارٽي طرفان آئون نمائندگي ڪندو هئس.

7. شهيدِ عوام محمد فاضل راهو جي شهادت کان پوءِ منهنجي ۽ پارٽيءَ جي ڪوشش سان سنڌي عوام جو قومي اتحاد وجود ۾ آيو. جنهن جي پليٽ فارم تان سنڌ اندر سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ تاريخي جلسا ڪيا ويا. انهن جلسن مان ڪراچيءَ جي ريلي ۽ جلسي کان پوءِ اردو اخبارن لکيو هو تہ، "ڪراچيءَ جا مالڪ اڄ ڪراچيءَ ۾ اجنبي لڳي رهيا هئا."

8. ان کان پوءِ نوازشريف جي وزارتِ عظمي جي پهرئين دور ۾ نوابزادي نصرالله خان جي قيادت ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس اتحاد قائم ٿيو هو جنهن ۾ مسلم ليگ (ن) کانسواءِ ان وقت جون ٻيون سموريون پارٽيون شامل هيون. عوامي تحريڪ بہ ان جي ميمبر هئي. ان اتحاد طرفان 14 آگسٽ تي لاهور ۾ موچي گيٽ تي تاريخي جلسو ٿيو هو جنهن ۾ بينظير ڀٽو بہ شريڪ هئي مون بہ ان جلسي ۾ خطاب ڪيو هو.

9. ان کان پوءِ ملڪي سطح تي مظلوم قومن جو اتحاد پونم ٺهيو جنهن ۾ پاڻ مکيہ ڪردار ادا ڪيو.

10. جڏهن جنرل مشرف چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ کي هٽائي ملڪ جي ڪورٽن کي مفلوج بڻائڻ چاهيو تڏهن سڄي ملڪ جي سياسي پارٽين، وڪيلن، صحافين، سول سوسائٽي ۽ ٻين پيشہ ور تنظيمن عدالتن جي آزاديءَ جي جدوجهد شروع ڪئي. ان ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جو حيران ڪندڙ ۽ وسارڻ جهڙو تاريخي ڪردار هو.

11. ان کان پوءِ ملڪي ليول جو هڪ اتحاد اي.پي.ڊي.ايم جي نالي سان ٺهيو جنهن 2008ع جي عام چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو ان ۾ بہ عوامي تحريڪ جو مکيہ ڪردار هو.

12. ڪوٽڙي بئراج جون لکين ايڪڙ زمينون بچائڻ لاءِ جدجهد هلائڻ.

Gul Hayat Institute

13. ٻه دفعا سکر کان ڪراچي تائين پوءِ حيدرآباد کان ڪراچي تائين، ڀٽ شاھ کان ڪراچي تائين چار تاريخي لانگ مارچون ڪيون ويون.

14. اينٽي ڪالاباغ ڊيم ۽ ينٽي گريٽر ٿل ڪئنال ايڪشن ڪميٽي نالي اتحاد جوڙي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪينال خلاف ملڪ گير جدوجهد هلائڻ ۾ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي وقت ڪمون شهيد جنهن ۾ مونسان گڏ بينظير ڀٽو ٻه هئي، اٽڪ پل ۽ بلوچستان ۾ لکين ماڻهن جا ڏرٽا لڳا.

15. ان کان پوءِ لڳاتار ٽي دفعا هر سال ڀٽ شاھ قومي ڪانفرنسون ڪريو، لکين مردن ۽ عورتن کي گڏ ڪري وڏا ۽ تاريخ ساز جلسا ڪيا ويا.

16. ان کان سواءِ عالمي سطح تي سنڌياڻي تحريڪ، ايس ايس ٽي ۽ بين محاذن جا وفد مختلف ملڪن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندا رهيا.

جيتوڻيڪ توهان طرفان پنهنجي دور صدارت ۾ پارٽيءَ طرفان گذريل لڳ ڀڳ 50 سالن جي ڪيل جدوجهدن (جن مان ڪن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي) ۽ انهن جدوجهدن جي نتيجي ۾ حاصل ڪيل ننڍين وڏين ڪاميابين کي بلڪل ميساري ڇڏڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي. مثال طور (1) توهان پارٽيءَ جو نالو تبديل (2) توهان نقشو تبديل ڪري سنڌ سطح جي پارٽيءَ کي اڌ سچ اڌ ڪوڙ وسيلي ملڪ گير پارٽي بنايو (3) توهان نعرو تبديل ڪري عوامي انقلابي پارٽيءَ کي لبرل جمهوري پارٽي بنايو (4) پارٽيءَ جي روح يعني آئين کي ئي بدلائي ڇڏيو جنهن جو ذڪر اڳيان ايندو. انهن شعوري طرح ڪيل وڏين تبديلين ۽ ٻين طريقن سان توهان پارٽيءَ جي ڪارڪنن ۾ ۽ ميڊيا اڳيان اهو تاثر قائم ڪري پختو ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا رهيا آهيو ته منهنجي (رسول بخش پليجي) قيادت، فڪر ۽ نگرانيءَ ۾ هلندڙ عوامي تحريڪ جو دور پورو ٿي ويو. هي نئون دور اياز لطيف پليجي جي پارٽي، اياز لطيف پليجي جي نئين جلد کان جلد اقتدار تائين پهچڻ جي نظرئي، اياز لطيف پليجي جي حڪمت عملين ۽ پاليسين، اياز لطيف پليجي جي



Gul Hayat Institute

فيصلن، اياز لطيف پليجي جي جدوجهد ڪرڻ جي طريقن، اياز لطيف پليجي طرفان عوام ۽ ڪارڪنن سان فيس بوڪ ۽ ميسيج ذريعي رابطن جي جديد طريقن ۽ اياز لطيف پليجي طرفان تنظيم سازي، سياسي ۽ نظرياتي تعليم کي ترڪ ڪرڻ ۽ رڳو جلسن ۽ ريلين ذريعي عوام کي خطاب ۽ ٽي وي ٽاڪ شو وسيلي ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جو دور آهي، توهان نئون نظريو هي ايجاد ڪيو آهي ته پارٽي ۽ ڪارڪن ڪا معني نٿا رکن. توهان جو هر فيصلو حڪمت عملي ۽ پاليسي هر جلسو جلوس، ريلي يا هر قسم جي جدوجهد توهان جي ذات کان شروع ٿي، توهان جي ئي شخصيت کي ٿاهڻ تي ختم ٿئي ٿي.

ٻي رهيائي ڪانه ملڪ مڙيوئي ميندرو

پارٽي اياز لطيف جي، جلسو اياز لطيف جو ريلي اياز لطيف جي، تقرير اياز لطيف جي، هر اجلاس اياز لطيف جو هر اتحاد اياز لطيف جو پريس بيان اياز لطيف جو پريس ڪانفرنس اياز لطيف جي. هن پارٽيءَ ۾ اياز لطيف پليجي کان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو يا پارٽي ته ڄڻ آهي ئي ڪونه. حالانڪ جنرل مشرف جي دور ۾ عدالتن جي آزاديءَ لاءِ ٿيل جدوجهد ۾ پنهنجي پارٽيءَ جي تاريخي ڪردار ۽ جنرل ضياءالحق جي دور حڪومت کان وٺي اڄ تائين جي سمورين حڪومتن طرفان ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جي ڪوشش اڳيان رڪ جي ديوار وانگر بيهي ڪالاباغ ڊيم جي منصوبي کي روڪڻ واري جدوجهد کان 40 50 سال پوئتي وڃبو ته ون يونٽ ۽ 4 مارچ جي جدوجهدن تائين ٿيل سمورين جدوجهدن ۾ قومي عوامي تحريڪ جي قيادت ۽ ڪارڪنن جا نه فقط هر جدوجهد ۾ پيرن جا نشان ملندا پر ڪارڪنن جي جسمن تي لڳل ڦٽڪن جا نشان ۽ ميدان عمل ۾ ڪارڪنن ۽ سنڌياڻين طرفان وهايل رت جي دبن جا نشان پڻ نظر ايندا. ظاهر آهي انهن جدوجهدن جي نتيجي ۾ مون سميت پارٽيءَ جي ٻين اڳواڻن جي قد ڪاٺ ۾ به واڌارو ٿيو هوندو پر انهن سمورين جدوجهدن جو ڪريڊٽ گهٽو ڪري ٿلهي ليکي عوامي تحريڪ کي ئي ملندو رهيو. ان سموري عرصي ۾ توهان کي ڪٿي به اها ڳاله نظر نه

Gul Hayat Institute

ايندي جنهن مان اهو تاثر ملي ٿـ هيءَ جدوجهد، هيءَ ڪاميابي فلاڻي ليڊر جي ڪري حاصل ٿي ۽ پارٽيءَ جو نالوئي گُم هجي.

توهان شعوري طرح ڪوشش ڪري تنظيم سازي، نظرياتي تعليم، تنظيمي ضابطي، فيصلا سازي، ڪارڪنن سان رابطہ ڪاري، پاليسين ۽ حڪمت عملين جي سلسلي ۾ عوامي تحريڪ طرفان سالن کان آزمايل صحيح، موزون ۽ مناسب طريقن تي هلڻ کي پنهنجي لاءِ عيب سمجهندا رهيا آهيو. جنهن ڪري توهان جو سڄو زور نئين يا جديد تي آهي. نون ۽ جديد طريقن کي ضرور ڪتب آڻجي، اها ڪا خراب ڳاله ناهي پر اڳوڻن آزمايل، موزون ۽ مناسب صحيح طريقن کان ڪوهين ڏور ڀڄڻ بہ تمام خراب ۽ نقصانڪار آهي. عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جهڙي پوئتي پيل سماج ۾ قائم ڪيل، جديد سياسي ڪلچر جنهن پنهنجي پارٽيءَ کي منفرد ۽ مقبول بنايو هو ان کي توهان بلڪل ڪلتي ڪري ڇڏيو جنهن جا نتيجا اڄوڪي صورتحال ۾ سامهون آهن.

اڄو تہ توهان جي جديد طريقن جي چند تازن مثالن تي اڏامندڙ نظر وجهون:

**تنقيد، خود تنقيد وسيلي سڌاري جا دروازا بند ڪرڻ:**

مثال طور (1) پنهنجي پارٽيءَ جي شروع کان وٺي اها ريت روايت رهي آهي تہ وقت بہ وقت سياسي ۽ تنظيمي سرگرمين جي سٺاين توڙي خرابين بابت تبصرا، رايا ۽ تنقيدون باقاعدگيءَ سان ٿينديا رهندا هئا ۽ ان سان گڏ ڪن خاص ۽ وڏن پروگرامن يا جدوجهدن جي پڄاڻيءَ تي باقاعدي نشستون ٿينديون هيون جن ۾ چڱاين جون تعريفون ۽ خرابين جي نشاندهي ڪئي ويندي هئي. توهان ان سلسلي تي مڪمل بندش لڳائي ڇڏي، سبب اهو ٻڌائيندا رهيا تہ ڪامياب پروگرام مان نقص ڪڍي ان جي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ جو ذائقو خراب نہ ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ توهان پنهنجي صدر ٿيڻ شرط شروعات هن طرح ڪئي ۽ اها عام مهم شروع ڪئي تہ پليجي صاحب کي صرف سٺيون ڳالهيون ٻڌايو پليجي صاحب کي

Gul Hayat Institute

خوش رکڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ اتفاق سان ڪنهن تنقيد ڪئي ٿي يا ڪنهن نقص يا خرابيءَ جي نشاندهي ڪئي ٿي تہ توهان ان کي سختيءَ سان ايئن چئي روڪيو ٿي تہ آئون ڪوشش ڪري اهڙا ڪم ڪيان ٿو ۽ پليجي صاحب کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايان ٿو تہ جيئن پليجو صاحب خوش ٿيئي پر توهان هٿ وٺي پليجي صاحب کي بيمار ڪرڻ لاءِ اهڙيون اڻوندڙ ڳالهيون ٻڌايو ٿا. توهان ان طريقي ذريعي چاهيو ٿي تہ مون تائين اصل صورتحال نہ پهچي. ٻئي پاسي وڏن پروگرامن يا وڏين جدوجهدن جي سلسلي ۾ يا عام تنظيمي يا سياسي سرگرمين ۾ ٿيندڙ نقصن ۽ خرابين کي درست ڪري سڌارا آڻڻ جو سلسلو مڪمل طرح بند ٿي ويو.

(2) ڪيترن موقعن تي ڪن پاليسي ۽ تنظيمي مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي مون سان انتهائي تلخ، سخت ۽ غيرمناسب ۽ اڻوندڙ لهجي ۾ بحث ڪري، پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن اندر اهو خوف ويهاري پاڻ مٿان جائز تنقيد ۽ اصلاح جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. ساڻي ان طرح سوچڻ ۾ حق بجانب هئا تہ جيڪو ماڻهو پارٽي قائد ۽ پنهنجي والد سان ڪنهن مسئلي يا ڳالهہ بابت ٿيندڙ گفتگو يا بحث مباحثي ۾ ههڙو غيرمناسب ۽ غيرموزون رويو اختيار ڪري سگهي ٿو اهو اسان سان ڪهڙو حال ڪندو؟ تنهنڪري سمورا ڪارڪن ۽ اڳواڻ خاموشيءَ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهندا رهيا آهن ۽ ان سان گڏ توهان مسلسل اهو تاثر ڏيندا رهيا آهيو تہ بابا هاڻي چند ڏينهن يا مهينن جو مهمان آهي. ان ڪان پوءِ پارٽيءَ جي سمورن معاملن ۽ مسئلن ۾ آءٌ مڪمل خودمختيار هوندس، جيڪو هنيئر مونتي نقطہ چيني ڪندو يا منهنجو ساٿ نہ ڏيندو اهو سمجهي ڇڏي تہ بابا جي نہ هجڻ جي صورت ۾ ان سان ڪهڙو سلوڪ ٿي سگهي ٿو.

**ميٽنگن ۽ اجلاسن بابت توهان جو رويو**

اڪثر توهان مرڪزي اجلاسن يا ٻين ميٽنگن کي گهربل، مناسب ۽ ضروري ٽائيم ۽ اهميت بہ ڪونہ ڏيندا آهيو.

مثال طور (الف) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جا

Gul Hayat Institute

اجلاس مقرر مدي اندر باقائدگي سان ٿيڻ گهرجن ها. جن ۾ تنظيمي، سياسي، نظرياتي، عالمي ۽ ملڪي صورتحال سميت مختلف مسئلن تي غور ويچار ڪري بحث مباحثي کان پوءِ گڏيل صلاح مصلحت تحت فيصلا ڪرڻ کپن ها. پر اڪثر ڪري توهان نہ رڳو اهو بنيادي تنظيمي طريقہ ڪار اختيار ئي ڪونہ ڪندا رهيا آهيو پر . توهان جي هن دفعي صدر چونڊجڻ جي سوا ٻن يا اڍائي سالن جي عرصي ۾ فقط ڇه مرڪزي اجلاس هن ترتيب سان 13 اپريل 2014ع تي چونڊون ٿيون ٻن مهينن کانپوءِ پهريون اجلاس 12 جون 2014 تي ٿيو. ان کان پوءِ ٻن مهينن کان پوءِ 24 آگسٽ تي اجلاس، ستن مهينن کانپوءِ 8 مارچ 2015ع تي اجلاس، ڇهن مهينن کانپوءِ 27 ڊسمبر تي اجلاس، ستن مهينن کانپوءِ 17 جولاءِ 2016ع تي ٿيل تازو اجلاس ٿيو جڏهن تہ هر ٻي مهيني مرڪزي اجلاس ٿيڻ گهرجي. گهڻو ڪري توهان ڪنهن بہ صلاح مصلحت ۽ بحث مباحثي کانسواءِ انفرادي طور تي پهرين پنهنجي مخصوص پارٽيءَ جي ۽ ذاتي دوستن سان گڏجي فيصلا ڪري انهن جا ميسيج هلائي، ان کان پوءِ انهن انفرادي ڪيل فيصلن تي عمل ڪرائڻ لاءِ چونڊ دوستن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مرڪزي ڪميٽيءَ جا اجلاس گهرائيندا آهيو تہ جيئن توهان جي ڪيل انفرادي فيصلن تي انهن اجلاس ۾ رٿابندي ڪري سرگرميون شروع ڪري سگهجي. اهڙن گهرايل اجلاسن ۾ توهان اهميت صرف ان ايجنڊا کي ڏيندا رهيا آهيو جنهن جو فيصلو توهان اڳ ئي ڪري چڪا هوندا آهيو. مثال طور 22 مئي جي شهيدن جي ياد ۾ گلشن حديد ڪراچي ۾ جلسو ڪيو ويو. ان جلسي لاءِ ڪراچي ويندي گاڏيءَ ۾ ئي توهان سان گڏ موجود دوستن سان گڏجي، ڪراچيءَ ۾ ملين مارچ جو فيصلو ڪري ڇڏيو پوءِ فقط رسمي طرح ان جلسي ۾ توهان تقرير دوران اعلان ڪيو تہ فلاڻي تاريخ تي ڪراچي ۾ هڪ ملين مارچ ڪئي ويندي، جنهن ۾ ٽيهہ لک ماڻهو شريڪ ڪرايا ويندا ۽ ميسج هلائي هر ضلعي کي هدايت ڪئي تہ هر حالت ۾ هر ضلعو 200 بسون شرڪت ڪرائي. مطلب تہ جنهن صورت ۾ فيصلو



Gul Hayat Institute

ٻـ ٽي چڪو ضلعن ڏانهن هدايتون ٻـ موڪليون ويون. ان ڪانپوءِ توهان ايس.پي.او هال ۾ مرڪزي جنرل ڪائونسل جو اجلاس گهرايو ان ـ اجلاس جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ ضرورت اها هئي تـ ان پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪئي وڃي.

(ب) حيدرآباد ۾ ٿيل جي ڊي اي جي ڪنويشن ڪانپوءِ توهان مرڪزي سينئر نائب صدر عبدالقادر رانٽي کي منهنجي موجودگيءَ ۾ چيو تـ توهان مرڪزي جنرل سيڪريٽري انور سومري، ۽ مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار سان صلاح ڪري مرڪزي اجلاس جي تاريخ مقرر ڪريو. آئون موجود آهيان. پوءِ مٿين ٽنهي مرڪزي عهديدارن منهنجي سامهون پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري ڪيو اي ٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي اجلاس جي تاريخ 2016_06_05 تي مقرر ڪئي ۽ پوءِ ٽنهي دوستن توهان سان جيمر خانـ حيدرآباد ۾ ملاقات ڪري مرڪزي ڪميٽي جي گڏجاڻي جي رکيل تاريخ ٻڌائڻ سميت ٻين معاملن تي بـ ڳالهـ ٻولهـ ڪئي. توهان ان اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ کان اهو چئي انڪار ڪيو تـ آئون ڪنهڙي ۾ ٻيهي جي ڊي اي بابت سوالن جا جواب ڪونـ ڏيندس. نتيجي ۾ مرڪزي ڪميٽي جي اجلاس جي رکيل اها تاريخ ملتوي ڪئي ويئي.

(ت) بعد ۾ 2016_07_17 تي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اهم اجلاس ڊي 10 تي گهرايو ويو هو. ان اجلاس ۾ توهان ٽائيم تي نـ پهتا ۽ مون توهان جي غير موجودگيءَ ۾ ان اجلاس جي ڪارروائي باقاعدگي سان هلائڻ بابت ساٿين کي اهو چئي روڪيو تـ مرڪزي صدر جو انتظار ڪجي. تمام نازڪ ۽ اهم مسئلن تي ڳالهـ ٻولهـ ڪري فيصلا ڪرڻا آهن. جيستائين هو نـ ٿو اچي تيستائين اجلاس باقاعدگي سان شروع نـ ڪيو وڃي. ڪافي دير انتظار ڪرڻ کان پوءِ بـ جڏهن توهان اجلاس ۾ نـ پهتا تـ مون مرڪزي سينيئر نائب صدر عبدالقادر رانٽي ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري انور سومرو کي توهان وٽ گهر موڪليو. جن توهان کي اچي ٻڌايو تـ "دوست گڏ ٿي ويا آهن پليجوصاحب (آءُ) اجلاس ۾ موجود آهي جنهن جو چوڻ آهي تـ

Gul Hayat Institute

اجلاس توهان جي اچڻ کان پوءِ ئي شروع ڪرڻ گهرجي. توهان جي اچڻ کان پوءِ ئي اجلاس جي باقاعده ڪارروائي شروع ڪئي ويندي" توهان انهن کي چيو توهان هلو آءُ جلدي پهچان ٿو پر ان کان پوءِ بہ توهان ڪلاڪ ڏيڍ دير سان اندازن هڪ وڳي ڌاري اجلاس ۾ پهتا. اجلاس ۾ ٽي ڪلاڪ دير سان پهچڻ کانپوءِ معذرت بہ نہ ڪئي. هنن تازن مثالن کان ڪافي عرصو اڳ بہ توهان ٻن ٽن مرڪزي اجلاسن ۾ حيدرآباد ۾ موجود هوندي بہ شريڪ نہ ٿيا. ان کانسواءِ ڪافي گڏجاڻين ۾ پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي اهو چئي هليا ويندا آهيو تہ مونکي ضروري ڪم آهي ان ڪري آئون وڃان ٿو يا اهم گڏجاڻين ۾ ٻين دوستن جون ڳالهيون، تجويزون، رايا ٻڌڻ بہ مناسب ڪونہ سمجهندا آهيو. يا وري گڏجاڻي ۾ ويٺل بہ آهيو تہ ٻيا دوست پيا ڳالهائيندا آهن ڪن مسئلن تي بحث پيو هلندو آهي پر توهان انهن ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ جي بجاءِ موبائيل فون ۾ مصروف هوندا آهيو. مٿين ڪجه مثالن مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ توهين ادارن ۽ ساٿين جي ڳالهين ۽ تجويزن کي ڪيتري اهميت ڏيو ٿا.

## تنظيمي ڪم ۽ ڪارڪنن ڏانهن نامناسب رويو

تنظيم ڏانهن توهان جي سنجيدگيءَ جو عالم هي آهي جو توهان جي صدارتي ايام ۾ توهان ڪڏهن بہ ڪنهن بہ ضلعي جي ڪارڪنن سان ضلعي جي تنظيمي واڌاري، سڌاري بابت يا ڪارڪنن جي پاڻ ۾ تڪرائن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ اپاءُ وٺڻ تي پري جي ڳاله آهي پر توهان ڪارڪنن سان فون تي ڪجه سيڪنڊ ڳالهائڻ يا ميسيج جو جواب ڏيڻ بہ پسند نہ ڪندا آهيو. نہ فقط ايترو پر توهان تہ اهو ميسيج بہ هلائي ڇڏيو تہ "ڪي ساٿي ننڍن ذاتي ڪمن يا غير ضروري ڪچهري لاءِ بہ مرڪزي قيادت سان رابطو ڪندا رهن ٿا. سڌي ريت مرڪزي صدر سان رابطي بجاءِ ضلعي، ڊويزن صدر ۽ پوءِ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سان رابطو ڪيو وڃي. اهم ايمرجنسي ۾ ڪيو.اي.تي صدر سان صرف سومر ۽ خميس تي سادا ٽي بجي آفيس ۾ ملي

Gul Hayat Institute

سگهجي ٿو. ڪيو اي ٿي مرڪز" اهو آهي توهان جو ڪارڪنن سان لاڳاپو پيار ۽ پنهنجائپ.

توهان پنهنجي صدارت جي ستن سالن ۾ ٿيل سمورن مرڪزي اجلاسن مان ڪنهن به مرڪزي اجلاس ۾ تنظيم جي واڌاري ۽ مضبوطيءَ لاءِ ٺوس ۽ سنجيده فيصلا نه ڪيا آهن.

**مرڪزي ڪميٽي کان مٿانهون ٿي پنهنجي پسند جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي نالي ۾ پنهنجا شخصي فيصلا ڪرڻ**

الف. جيڪڏهن ڪا اوچتي هنگامي صورتحال پيدا ٿئي ٿي ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس گهرائڻ ناممڪن هجي ته اهڙي صورتحال بابت غور ويچار بحث مباحثو صلاح مصلحت ۽ فيصلا ڪرڻ لاءِ مرڪزي اسٽينڊنگ ڪميٽي ٺهيل آهي. جيڪا اوچتو پيدا ٿيندڙ هنگامي صورتحالن ۾ ڪي مناسب فيصلا ڪري سگهي ٿي. پر بعد ۾ ايندڙ مرڪزي ڪميٽي جي اجلاس ۾ ان پيدا ٿيل صورتحال، ان صورتحال جي نتيجي ۾ ڪيل فيصلن ۽ ان تي ٿيل عمل جي رپورٽ پيش ڪرڻ ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ کان ان جي منظوري وٺڻ ضروري هوندو آهي، ( پوءِ مرڪزي ڪميٽي اهي ڪيل فيصلا بحال يا رد ڪري سگهي ٿي). پر توهان ان بنيادي اصول تي به عمل ڪونه ڪندا رهيا آهيو ۽ مرڪزي اجلاسن ۾ ڪڏهن به مرڪزي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي نالي ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين ۽ ڪيل فيصلن ۽ ان فيصلن جي روشني ۾ ٿيل عمل بابت رپورٽ پيش نه ڪئي ويندي آهي. اڪثر ڪري توهان جو طريقه ڪار هن ريت رهيو آهي ته توهان جي آفيس ۾ ذاتي ۽ پارٽي جا ڪجهه دوست آيا، جن سان ڪن مسئلن تي ڳالهيون ٿيون ۽ انهن ڪجهه تجويزون ڏنيون يا وري ذاتي يا تنظيمي دوست گاڏي ۾ سفر دوران توهان سان گڏ ويٺل هوندا آهن انهن سان نالي ماتر ڳالهه ٻولهه ڪري، پوءِ مرڪزي اسٽينڊنگ ڪميٽيءِ جي نالي ۾ پنهنجي مرضي، منشا ۽ پسند مطابق جيڪو توهان کي فيصلو ڪرڻو هوندو آهي اهو ڪري پوءِ ايس ايم ايس هلائي ڇڏيندا آهيو. جنهن جو مثال ملين مارچ واري فيصلي جو

Gul Hayat Institute

آءُ مٿي ڏيئي چڪو آهيان، يا وري اهو طريقو استعمال ڪندا آهيو تہ مرڪزي اسٽيڊنگ ڪميٽي جي ميمبرن کي گهرائڻ بجاءِ جيڪي هڪ بہ هم خيال دوست مليا انهن سان نالي ماتر صلاح ڪري فيصلا ڪندا رهيا آهيو ۽ ٻين دوستن سان فون تي انهن فيصلن بابت راءِ معلوم ڪندا رهيا آهيو جيڪي صورتحال جي تفصيلن کان اڻواقف هوندا آهن تنهن ڪري يا ها ڪندا آهن يا توهان تي ڇڏي ٿا ڏين تہ توهان کي جيڪو مناسب لڳي پلي فيصلو ڪريو.

حالانڪہ انهن ۾ ڪي تہ اهڙا نازڪ فيصلا هجن ٿا جن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ، بلڪ ڏينهن جا ڏينهن بحث مباحثو ۽ سنجيدگيءَ سان غور ويچار ٿيڻ کانپوءِ فيصلا ٿيڻ کپن.

ب : گهڻو ڪري هنگامي اجلاسن گهرائڻ وقت اهو طريقو بہ اختيار ڪريو ٿا جو شعوري طور تي هنگامي اجلاس جي مقرر ڪيل ٽائيم کان انتهائي مختصر ٽائيم اڳ ۾ ايس ايم ايس ڪريو ٿا تہ جيئن نميوار ساٿي يا مرڪزي اسٽيڊنگ ڪميٽي جا سڀ ميمبر ان اجلاس ۾ پهچي نہ سگهن ۽ توهان پنهنجي مرضي مطابق فيصلو ڪرائي اهو چئي سگهو تہ مون تہ ايس ايم ايس ڪيا هئا پر نميوار ۽ مرڪزي اسٽيڊنگ ڪميٽي جا دوست گڏجاڻين ۾ نہ پهچي سگهيا. پوءِ جيڪي دوست آيا انهن سان صلاح مصلحت سان ئي فيصلا ڪرڻا پون ٿا.

ت. 22 مئي جي ريلي جيڪا بلوچن سان گڏ ڪراچي ۾ ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ پهريون ڀيرو ايترا ساٿي شهيد ٿيا. ان ريلي بابت مون سميت مرڪزي ڪميٽي جي ميمبرن سان بہ ڪا بہ سنجيده گڏيل صلاح مصلحت ڪونہ ڪئي وئي.

ث. جي ڊي اي جي اتحاد کان اڳ ۾ بہ بنا گڏيل صلاح مصلحت جي توهان قوم پرستن سان گڏجي سپنا، سنڌ بچايو ڪميٽي، آدم شماري مانيٽرنگ ڪميٽي جهڙن اتحادن جا فيصلا ڪيا ۽ ان ۾ مکيہ حيثيت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اتي انهن ڌرين ۾ موجود روايتي تعصب ۽ تنگ‌نظري ڇڪڻ جي رويي سان گڏ توهان جي مزاج ۽ عمل جي طريقي جي ڪري توهان کي گهربل ڪاميابي ملي

Gul Hayat Institute

نہ سگهي. پوءِ توهان 180 ڊگري جو ڦيرو ڪائي ردعمل ۾ يا شايد ڪن پنهنجي موقعي پرست دوستن جي چوڻ تي سنڌ جي اهڙن فردن ۽ ڌرين سان اتحاد ڪيو جن جو سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مسئلن حقن جي حاصلات لاءِ ڪو ڪردار نہ رهيو آهي. پهرين 2013ع جي قومي اسيمبليءَ ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي اليڪشن دوران ڏهہ جماعتي اتحاد، ان ڪانپوءِ جي ڊي اي جو اتحاد. حالانڪ اهڙين ڌرين سان اتحاد ڪرڻ کان اڳ ۾ صلاح مصلحت ۽ بحث مباحثي ڪرڻ جي سخت ضرورت هئي تہ جي ڊي اي جي اتحاد يا ٻين اتحادن ۾ شامل ٿجي يا نہ؟ يا وري جي ڊي اي ۾ شامل ڌرين ۽ شخصيتن سان اسانجو ڪيتري قدر سياسي تعلق هجڻ کپي يا نہ؟

1. <u>تعليم، تربيت، تنظيم، ضابطي ۽ نظريي کي نظرانداز ڪرڻ ۽ سڄو زور وڏن جلسن تي ڏيڻ.</u>

(الف) مثال طور توهان پنهنجن تقريرن، ڪچهرين، متينگن ۾ توڙي عام طور تي اهو سڌي يا اڻسڌي طرح چوندا ۽ محسوس ڪرائيندا رهيا آهيو تہ ڳاڙهين چوپڙين پڙهڻ سان يا ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ وڃي ٻن چئن ماڻهن سان ڪچهريون ڪرڻ سان ڪجهہ ڪونہ ٿيندو "جنگل مين مور ناچا کس ني ديکها" زمانو بدلجي ويو آهي، اسانکي بدليل زماني ۽ جديد ٽيڪنالوجي مان فائدو وٺڻ گهرجي. هي دور چوپڙين پڙهڻ ۽ ٻهراڙين ۾ وڃي ڪچهريون ڪرڻ جو ناهي رهيو. وڏا جلسا ڪري هزارين ماڻهن کي متاثر ڪجي، جذباتي تقريرون ڪرڻ، ميڊيا تي ڇانئجڻ ۽ جديد طريقن سان يعني ايس ايم ايس وسيلي هدايتون ڏيڻ، پروپيگنڊه ۽ پبلسٽي ذريعي عوام جون دليون کٽڻ جو دور آهي.

(ب) پنهنجي تنظيم ۾ بنيادي طور تي گهٽائي ٻهراڙي سان واسطو رکندڙ مسڪين، پورهيت طبقي جي هارين، مزدورن ۽ هيٺئين وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ ڪن ٿورو گهڻو پڙهيل لکيل ۽ گهڻو ٿڻو گهٽ لکيل پڙهيل يا صفا اڻپڙهيل ماڻهن جي آهي. جن جي تعليم ۽ تربيت تي شروع کان وٺي پنهنجي پارٽي تمام گهٽو ڌيان ڏيندي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

مطالبي کي غير مناسب ۽ پارٽي کي نقصان ڏيندڙ سمجهڻ جي باوجود ان تي فورن عمل ڪيو ويو. ان ڪري جو مبادا متان توهان ائين چئو تہ منهنجي حڪم جي انحرافي ڪئي پئي وڃي. يا مونسان تعاون نہ پيو ڪيو وڃي. اهي ورڪشاپ ملتوي ڪيا ويا. ميمبر سازي جي مهم شروع ٿي ويئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ايس ايم ايس هلايو ويو تہ قومي عوامي تحريڪ جا ہن لکن کان بہ وڌيڪ ميمبر ڪيا ويا آهن. اهي ميمبر ڪٿي آهن ۽ ڇا پيا ڪن. انهن جو ڪو وجود بہ هو ۽ آهي! يا صرف ڪوڙا ايس ايم ايس هلايا ويا هئا.

(ث) نظرياتي تعليم ڪرڻ جي سلسلي ۾ جڏهن منهنجي ليڪچرن ۽ هدايت نامن جا ننڍا ننڍا ڪتابچا ڇپرائي ورهائڻ ۽ گڏيل پڙهائي ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ان سلسلي تحت "انقلابي پارٽي انقلابي ڪارڪن". "پنهنجي سوچ، ڪم جي ڍنگ ۽ رويي ۾ سڌارا آڻيو."، "انقلابي نظريي سان هٿياربند ٿيو." جهڙا ڪتابچا ڇپايا ويا ۽ سڄي سنڌ مان ان ڪم کي ساراهيو ويو ۽ گهر بہ ڪئي ويئي تہ اهو سلسلو هلڻ کپي تہ توهان اهو مطالبو ڪيو تہ جي هي ڪتابچا ڇپائي ورهايا وڃن تہ پوءِ منهنجا بہ ڪتاب ڇپائي ورهايا وڃن. ٻي ڳالهہ تہ انهن ڪتابچن جي ڇپائيءَ جا پيسا ڪٿان ٿا اچن ۽ ڪيئن ٿا خرچ ٿين؟ ۽ ان سڄي معاملي جي جانچ پڙتال ڪرڻ ۽ خرچ جو حساب ڪتاب وٺڻ لاءِ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري انورسومرو جي اڳواڻي ۾ هڪ ڪميٽي بہ ٺاهي ويئي. ان ڪميٽي بہ اڄ ڏينهن تائين ڪابہ رپورٽ ڪونہ ڏني آهي. نتيجي ۾ اهو نظرياتي ڪتابچن ڇپائڻ جو سلسلو بند ٿي ويو.

(ج) سنڌ جي مختلف ضلعن علائقن ۽ شهرن ۾ اسٽڊي سرڪلن ۽ ورڪشاپن جو سلسلو شروع ڪيو ويو. تہ انهن ۾ بہ رنڊڪ وڌي ويئي. مثال طور ڪراچي ۾ گگهر ڦاٽڪ تي مقامي دوستن طرفان ٽي روزه تعليمي ورڪشاپ رکيو ويو جيڪو ٿيو. ان وچ ۾ توهان جو ڪو جهمپير ۾ جلسو رکيل هو جنهن کان پوءِ توهان ميسيج هلايو تہ جڏهن QAT جي مرڪزي صدر يعني توهان جو سنڌ جي ڪنهن بہ

Gul Hayat Institute

ضلعي ۾ جلوس يا جلسو يا ريلي هجي ته ڪي به ٻيا پروگرام يا ورڪشاپ نه ڪيا وڃن.

(ح) جڏهن مارڪسزم، ليننزم، فڪرِ پليجو ۽ ٻين نظرياتي موضوعن تي ليڪچر ڪيا ويا تڏهن توهان پنهنجي فيس بڪ تي لکيو ته 15، 20 ماڻهن کي ويهاري ليڪچر ڏيڻ، انگ اکر ٻڌائڻ، انقلابن ۽ ضابطن تي ڳالهائڻ وارن کان اهو پڇيو وڃي ته اهي ڪنهن جلسي ۾ ويا؟ بک هڙتال تي ويٺا؟ يا گولين سامهون ويا؟ وغيره وغيره. جن دوستن نظرياتي کوٽ جي پورائي لاءِ ڪتابچا پئي ڇپرايا ۽ ورهايا ۽ ليڪچر ۽ ورڪشاپ پئي ڪيا انهن خلاف مهم هلائي انهن جي حوصلا شڪني ڪئي ويئي.

**4. مون سميت پارٽي خلاف فيس بڪ، ميسيجن ذريعي تقريرن ۾ ۽ پنهنجي دوستن جي ڪچهرين ۾ پروپيگنڊا ڪرڻ، اختلاف راءِ برداشت نه ڪرڻ، تجويز ڏيڻ تي ڇڙي پوڻ**

الف) توهان قومي وائيس ۽ ڪوڙين آئيڊيز تان ايس ايم ايس ۽ فيس بوڪ تي پنهنجي نالي سان يا وري ٻين ڪوڙن نالن سان پروپيگنڊه مهم هلائي هڪ طرف اهو ظاهر ڪندا رهيا آهيو ته پارٽي اندر توهان جي خلاف پيپلز پارٽي ۽ ايجنسين جو مضبوط ۽ منظم گروپ ڪم ڪري رهيو آهي ته وري ٻي پاسي مون سميت پارٽي جي اهم ذميوار ساٿين خلاف مهم هلائيندا رهيا آهيو.

مثال طور (1) 2015 ۾ منهنجي 85 سالگره جي موقعي تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم هال ۾ توهان پنهنجي تقرير ۾ تعريف جي روپ ۾ تنقيد جو شاهڪار نمونو پيش ڪندي چيو ته "ڪڏهن ڪڏهن سچ پچ ته مونکي پنهنجي پيءُ تي رحم ايندو آهي. هڪڙو آئينسٽائين ويٺو هجي، پنجين درجي جا شاگرد ميٽس جا آئينسٽائين ۽ نيوٽن سان پيا بحث ڪن ۽ آئنسٽائين ۽ نيوٽن پيا ٻڌن، چار هِن پاسي چار هُن پاسي پيا ان سان بحث ڪن ۽ پيا ان کي ٽارچر ڪن ۽ جتن جا بحث هو پيا ٻڌن. يا تان سين ويٺو هجي، تان سين سان آئون ۽ سوڍو جوڳي ۽ ٻيا پيا بحث ڪريون ۽ هو اسان کي پيو ٻڌندو هجي ۽ اسين

Gul Hayat Institute

ان کي پيا ٻڌائيندا هجون تہ ساز هيئن جهل ۾ هو ماٺ ڪري ٻڌندو هجي، ماٺ جمهوريت آهي." ان جو ٻيو مطلب هي آهي تہ آئنسٽائين، نيوٽن ۽ تان سين جي سطح جو آئون (رسول بخش پليجو) جنهن ۾ اهو عقل ڪونهي جو هو پنج درجا پڙهيل جتن کي پڇائي ڪن پاڻ جهڙن يا پاڻ کان ٿورو گهٽ سمجهہ ۽ لياقت رکندڙ ماڻهن سان تعلقات رکي ساڻن ان ليول جون ڪچهريون ڪري سگهان. ٻي ڳالهہ تہ توهان جيڪي عالم ۽ اڪابر آهيو اهي مهينن جا مهينا مونسان ملڻ اچو ڪونہ. پوءِ جيڪي پارٽيءَ جا ايڪڙ ٻيڪڙ ساٿي ملڻ اچن ٿا يا مونسان گڏ رهندڙ "جتن" سان ڳالهائڻ بہ توهان کي نٿو وڻي تہ پوءِ ڇا رڳو منهن ويڙهيو اڪيلو پيو هجان ها؟

(2) 5 مئي 2015 غلام علي ڪوساٽي پنهنجي فيس بوڪ تي پوسٽ رکي هئي، "......... رسول بخش پليجو جي پريشاني ....... غ ع

اياز لطيف پليجو صاحب، مهينو کن اڳ چند دوستن جي ڪچهري دوران، پليجي صاحب جي ذڪر تي هڪ ڳالهہ ڪئي، بلڪ هڪ جملو چيو ۽ ڳالهہ ٻئي طرف هلي وئي پر منهنجي ذهن ۾ اهو جملو بار بار ذهرائجندو رهيو.

اياز چيو پليجو صاحب سان ظلم آهي. گهر ۾ قابو. اڪيلائي ۽ جڏهن ڪجهہ ماڻهو ملڻ ايندا آهن، پنج ست جتن (jatan) جي وچ ۾ پليجو صاحب عذاب ۾ هوندو آهي..!............................ اهڙي ماڻهو کي هڪدم رٽائر ڪري گهرجي ڪمري ۾ ويهاري ڇڏيو ويو آهي اهو ان لاءِ ڪيڏو نہ عذاب هوندو............... پليجي صاحب کي ڊاڪٽرن، وڏي عمر، بيمارين ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري مڪمل آرام جو حڪم ڏنو هو............ اسان اهڙي داناءُ رهنما کي اڪيلائي ۾ ڇڏيون يا پنج ست جتن کي هن جي اڳيان ويهاري عذاب ڏيون.........
بهرحال پليجي صاحب کي اهڙين تڪليفن ۽ پريشانين کان بچائي، سائين جن کي خوش ۽ مطمئن ڪري، تاريخ کي بہ گڏ ڪري سگهجي ٿو......... غ.ع"

(3) توهان پهرين جون 2015 تي مون سميت ڏاڏا، انور ۽ نور ڏانهن

توهان 4 جون 2015 وقت 11:59 منٽن تي ڏاڏا ڏانهن هيٺيون ميسيج موڪليو جيئن پليجو صاحب ۽ اوهان سڀ مناسب سمجهو اهو ڪيو. زاهده (شيخ)، راحيل (پنهور)، ادريس (لغاري)، ايوب (شيخ)، سرور (پليجو)، جامي (چانڊيو)، امجد (پليجو)، امر (سنڌو)، ڪٿ چاهيو ڪٿو رڳو اها بالشويڪ پارٽي ٻن ٽن مهينن ۾ ناهيو جيڪا 45 سالن کان ناهي ٿهي. عوام سخت خطري ۾ آهي زرداري، الطاف ۽ بلاول جو مقابلو تڏهن ڪري سگهبو جڏهين اندرين مهم بند ٿئي."

4 آگسٽ 2016 تي توهان مون ڏانهن ميسيج موڪليو جنهن ۾ توهان لکيو هو ته توهان کي ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ بدين جي ڪن ساٿين جن جا نالا لکيل ڪونه هئا، جن توهان کي اهڙو اطلاع ڏنو آهي ته پارٽي اندر پيپلز پارٽي ۽ ايجنسين جو مضبوط ۽ منظم گروه توهان جي خلاف مهم پيو هلائي. اهو ميسيج توهان مون سميت پارٽي جي ٻين دوستن کي به موڪليو هو جنهن جي جواب ۾ مون توهان سان گڏ پارٽيءَ جي ڪجهه ٻين ذميوار ساٿين کي ميسيج ڪيو هو ته مهرباني ڪري ميرپورخاص بدين ۽ سانگهڙ جي انهن دوستن جا اهي نالا موڪليو جن توهان کي اها معلومات موڪلي آهي. ته جيئن تحقيقات ڪري اهڙي پروپيگنڊه ڪندڙن کي ظاهر ڪري جوڳو قدم کنيو وڃي. پر توهان ان ميسيج جو به جواب نه ڏنو.

اجا ڪيو اي ٽي جي 17 جولاءِ تي ٿيل مرڪزي اجلاس ۾ آءُ به اجلاس ۾ ويٺو هوس. مانيءَ جي وقفي ۾ آءُ ڪمري ۾ آيس. توهان به اتي آيا. مختلف حال احوال ٿيا پئي. وقفي کانپوءِ توهان اجلاس شروع ٿيڻ شرط منهنجي ان وقت غير موجودگيءَ جو فائدو وٺندي وقفي دوران منهنجي ڪمري ۾ ٿيل پنهنجي ملاقات جو توهان اهڙو نقشو پيش ڪيو جو ڄڻ ته آءُ سڪرات ۾ آهيان ۽ چند گهڙين جو مهمان آهيان. پوءِ توهان ڳالهائيندي چيو هو ته "جي توهان سڀ چئو ته آءُ ۽ ڊاڪٽر دلدار ٻئي وڃون ۽ بابا کي ڪٿي اڇي هٽي رکئون" ان وقت ئي توهان وڏيڪ چيو هو ته "4 5 ماڻهو آهن جيڪي بابا جي حياتيءَ جي پٺيان پيل آهن. بابا سخت بيمار آهي هو ان کي هنن گرمين جي

ڪهڙو مقصد آهي؟ ان گروپ بابت توهان ڪنهن بہ اداري ۾ ڪا بہ رپورٽ نہ ڏني ۽ نہ ئي وري پارٽيءَ سان لاڳاپيل ان گروپ جي ڪيترن ميمبرن کي اهڙو اطلاع ڏنو ويو تہ آهي توهان کي هن ڳجهي گروپ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. ان گروپ ۾ ڪافي اهڙا بہ ماڻهو آهن، جيڪي توهان طرفان ان گروپ جي ميمبر ٿيڻ لاءِ مقرر ڪيل شرطن شروطن تي پورا نٿا لهن. ان سان گڏ اهڙا ڪافي ماڻهو بلڪل اڻ سڃاڻو ٿا لڳن جنهن مان لڳي ٿو تہ انهن جا نالا فرضي آهن. جن جي نالن سان ڪارروايون ٿين ٿيون. ان ڳجهي گروپ جي اڪائونٽ تان مون سميت پارٽي خلاف ان ڪوڙي من گهڙت ۽ پارٽي دشمن پروپيگنڊه مهم جيڪا ڪوڙين آئيڊيز ۽ ڪوڙن نالن سان هلائي ويئي ان جو ڪجهہ رڪارڊ هن خط سان گڏ شامل آهي.

5. پنهنجي مرضي مطابق قومي عوامي تحريڪ جو آئين ٺاهڻ

آئين ۾ ڪي ضروري ۽ گهربل ترميمون ڪرڻيون هونديون آهن، تہ ان لاءِ بہ هڪ واضع ۽ چٽو طريقيڪار موجود هوندو آهي. جنهن موجب جڏهن ڪير اي تي جو نئون آئين ٺاهڻو هو. تڏهن آئين ۾ ترميمون سڌارا ۽ واڌارا ڪرڻ لاءِ پارٽي طرفان هڪ ڪميٽي ٺاهي ويئي هئي، جنهن ڪيترن ڏينهن جي پورهئي کان پوءِ پنهنجي طرفان آئين ۾ گهربل ۽ ضروري ترميمون ۽ واڌارا ڪري، مسودو توهان جي حوالي ڪيو. ان کانپوءِ ٿيڻ ائين گهرجي ها. جو ان ۾ ڪي ترميمون، سڌارا ۽ وڌارا ڪرڻ ضروري هئا تہ اهي ڪري توهان وري بہ ان ڪميٽي سميت ذميوار دوستن سان صلاح مصلحت ڪريو ها. پر توهان بلڪل ان جي ابتڙ ڪم ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ توهان اهو عام چوندا رهيا آهيو تہ موجوده آئين مون سان تفصيلي صلاح مصلحت سان منهنجي رضامنديءَ کانپوءِ مرڪزي جنرل ڪائونسل ۾ پيش ڪري پاس ڪرايو ويو. جڏهن تہ درحقيقت 2014 جي مارچ ۽ اپريل ۾ آئون سخت بيمار هئس ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڳالهائڻ جي پوزيشن ۾ بہ نہ هئس. انهن ڏينهن ۾ اليڪشن کان ڪجهہ ڏينهن پهرين توهان اٺ، ڏهہ ساٿين کي ساڻ وٺي آئين جو مسودو کڻي آيا. توهان سان گڏ

Gul Hayat Institute

ڪانپوءِ رد ڪئي ويئي هئي. ان کي وري به اپريل 2014 ۾ منهنجي بيماريءَ جو فائدو وٺي توهان پنهنجي پسند واري نااهل آئين ۾ شامل ڪري مرڪزي ڪميٽيءَ کي بي اختيار بنائي ڇڏيو. مرڪزي ڪميٽيءَ طرفان چونڊيل مرڪزي عهديدارن بابت مرڪزي ڪميٽيءَ کي اهو آئيني اختيار هو ته ڪنهن به وقت ڪنهن به عهديدار جو عهدو ختم ڪرڻ سميت ڪا به ضابطي جي ڪاروائي ڪري سگهي ٿي پر عهديدارن جي سڌي چونڊ جي نتيجي ۾ مرڪزي ڪميٽي ڪان ڪنهن به عهديدار تي قدم کڻڻ جا اختيار کسجي ويا. ڇا ڪاڻ ته عهديدار جنرل ڪائونسل چونڊيا آهن. اها ٿي ان جي خلاف ڪو قدم کڻي سگهي ٿي.

### 6. جلسن ۽ ريلين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ توهان جا رکيل شرط

توهان صدر ٿيڻ شرط اعلان ڪيو ته جنهن جلسي يا ريليءَ ۾ پليجو صاحب شرڪت ڪندو ان ۾ آئون شريڪ نه ٿيندس. يا جنهن جلسي ۾ مونکي شريڪ ڪرائڻو هجي ان جي پليجي صاحب کي دعوت نه ڏني وڃي. منهنجي جلسي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن هزارن کان پنج هزارن تائين ماڻهو هجن. مثال طور ميرپورخاص جي دوستن ميرعلي بخش ٽالپر جي ورسي جو پروگرام ڪرائڻ لاءِ مون کان ۽ توهان کان ٽائيم ورتو. پوءِ توهان جي ۽ منهنجي نالي سان دعوت نامه ۽ ٻيو مواد ڇپائي ورهائڻ ۽ سرگرميون ڪرڻ شروع ڪيون. پروگرام کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ منهنجي طبيعت ناساز ٿي پئي ۽ مون دوستن کي چيو ته آئون پروگرام ۾ نه ٿو اچي سگهان. ان کان پوءِ توهان دوستن کان اهو مطالبو ڪيو ته اها مقرر تاريخ تبديل ڪري فقط منهنجي نالي سان ڪارڊ ۽ ٻيو مواد ڇپائي ورهايو ته پوءِ آئون شرڪت ڪندس. توهان پنهنجي ان فيصلي ۾ تبديلي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ مقامي دوست توهان جي گهُر پوري ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هئا. نتيجي ۾ اهو پروگرام ملتوي ڪيو ويو. ساڳيءَ طرح ڪوٽ غلام محمد ۾ ايس ايم ٽي طرفان جشن لطيف ۽ عمر ڪوٽ ۾ هندو سجاڳ تحريڪ طرفان جشن ڪبير جا مختلف وقتن تي جلسا رکيا

Gul Hayat Institute

ويا هئا. انهن جلسن جي دعوتنامن ۾ بہ پاڻ ۽ پنهنجي جا نالا شامل هئا. پوءِ ڪارڊن ۾ منهنجي نالي هجڻ تي اعتراض ڪري توهان پنهنجي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ کان جواب ڏنو. ساٿين طرفان منٿن ڪرڻ جي باوجود توهان شريڪ نہ ٿيا انهن جلسن ۾ آءٌ شريڪ ٿيو هوس. تازو ڪجهہ مهينا اڳ ڏوڪري ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ پاران ٻالڪ ميلو ۽ مرڪزي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ جلسو ڪيو ويو. توهان پاڻ مونکي چيو تہ توهان بہ ان پروگرام ۾ شرڪت ڪريو. پوءِ آئون ان جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پهتس، جلسي ۾ آجيان جي تقرير ٿي، ان کان پوءِ ٻارن جو تقريري مقابلو هلي رهيو هو تہ اوچتو توهان GEO TV جي لائيو ڪوريج جو سبب ٻڌائي ٻارن جي هلندڙ ڊبيٽ روڪرائي توهان پاڻ تقرير ڪري جلسي مان روانا ٿي ويا. توهان اهو تاثر قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا تہ توهان تنظيمي يا اخلاقي ضابطي جا پابند ڪونہ آهيو جيئن وڻندو تيئن ڪندا.

توهان جي ئي فيصلي سان حيدرآباد ۾ لائيرس فورم جو مرڪزي ڪنويشن رکيو ويو. ذميوار دوستن پنهنجي وس آهر سرگرمي ڪري دعوتون ڏنيون ۽ فنڊ ورتو. ان پروگرام جا مهمان خاص توهان هئا. پر ان پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ کان توهان اهو چئي انڪار ڪيو تہ هال پريل ڪونهي ۽ پوءِ توهان ڪونہ آيا ۽ نتيجي ۾ مهمان خاص جون ذميواريون جنرل سيڪريٽري انور سومري کي پوريون ڪرڻيون پيون.

7. ڪاپڙي رسالي جو باقاعدگيءَ سان جاري نہ رهڻ ۽ ان ڏانهن توهان جو رويو.

الف پارٽي جي شروعاتي دور ۾ پارٽيءَ جو نظرياتي نقطۂ نظر ۽ سياسي موقف سنڌي ماڻهن تائين پهچائڻ ۽ پنهنجي ڪارڪنن جي نظرياتي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ، پاڻ تي مختلف مخالف ڌرين طرفان لڳندڙ الزامن ۽ پروپيگنڊا جا ٺوس ۽ مدلل جواب ڏيڻ ۾ تحريڪ رسالي ۽ سنڌي عوامي ڪتاب گهر جو اهم ۽ مکي ڪردار رهيو هو. سڄي دنيا جي ترقي پسند پورهيت طبقي جي پارٽين وانگر اسان لاءِ بہ اهو ضروري هو ۽ آهي تہ پنهنجا باقاعدگي سان رسالا،

Gul Hayat Institute

ڪتاب ۽ ٻيو مواد ڇپائيندا رهون. ۽ عوام دشمن پارٽين جي موقفن ۽ پروپيگنڊائن جا ڀرپور ۽ مدلل جواب ڏيئي عوام ۽ پارٽي ڪارڪنن تائين پنهنجو صحيح موقف پهچائيندا رهون. پاڻ اهڙو سلسلو سنڌي عوامي ڪتاب گهر معرفت مختلف ڪتاب ڇپائڻ، سنڌ ۾ ورهائڻ ۽ تحريڪ رسالي کي باقاعدگي سان ڇپائي عوام ۽ ڪارڪنن تائين پهچائيندو رهڻ ذريعي ڪيو هو. تحريڪ تي پابندي لڳڻ کان پوءِ مختلف نالن سان رسالن کي ڪيندي ڪاپڙي رسالي تائين پهتاسين. ڪاپڙي باقاعدگيءَ سان جاري ٿيندو پارٽي ڪارڪنن ۽ سنڌي عوام جي تربيت ۽ رهنمائي وارو مواد پهچائيندو رهيو. پر توهان جي صدر ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن توهان جي صدارتي دور وارن ڪاپڙي رسالن کي ڏسبو ۽ پڙهبو ته اهي تصويرن توڙي مواد جي حوالي سان ايئن لڳندو ڄڻ ته رسالو گهٽي پاڳي توهان جي هڪڙي ذات جي مشهوري لاءِ نڪرندو هجي. ان جي باوجود توهان جي عدم دلچسپي سبب رسالو يا ته تمام گهڻو دير سان يا باقاعدگيءَ سان نه نڪرندو رهيو. ان جا ڪجھ سبب هيٺ ڏجن ٿا:

مثال طور رسالي جو مواد ڇپائي لاءِ تيار هوندو هو ته توهان حڪم ڏيندا هئا ته ڇپائي وارو ڪم روڪرائي منهنجي تازي ڪيل جلسي يا ٻن ڏينهن کانپوءِ ٿيندڙ جلسي واري تقرير اتارائي اها ضرور شامل ڪرڻي آهي. رسالي سان لاڳاپيل ساٿي جڏهن مواد ڪڍي توهان کان چيڪ ڪرائڻ لاءِ ايندا هئا ته موٽ ۾ توهان ٽائيم تي يا ته ملندا ئي ڪونه هئا، ميسيج جو جواب به ڪونه ڏيندا هئا. يا وري مواد ڏسي جلد واپس ڪونه ڪندا هئا. توهان جي اهڙي رويي جي ڪري رسالي سان لاڳاپيل اڪثر ساٿي توهان کي فون ڪرڻ، ميسيج ڪرڻ يا توهان وٽ گهر اچڻ لاءِ به تيار ڪونه هوندا هئا. جنهن ڪري رسالو هر مهيني دير سان نڪرندي نڪرندي آخرڪار بند ٿي ويو.

وري به مون بار بار ڪوشش ڪري رسالي ڪيڻ جي ذميواري عبدالقادر رانتي، ڪرم ڪلوئي ۽ اسماعيل خاصخيلي تي رکي ۽ آئون ان جو نگران اعليٰ ٿيس. اهو جڏهن ٻن ٽن مهينن کان ٽائيم تي



Gul Hayat Institute

راحيل ۽ زاهده ته ان ميسيج کان اڳ ۾ توهان جو مضمون پڙهيو به ڪونه هو ۽ نه وري ڏٺو هو.

آخرڪار آئون دورو ملتوي ڪري واپس ٿيس ۽ مون توهان کي ميسيج ڪيو ته آئون ٻي 10 تي آهيان توهان اچو ته پاڻ ٻئي ملي صلاح ڪريون. جي اچي سگهو ته ٻڌايو پر توهان ڪوبه جواب نه موڪليو. وري به ٻيو ميسيج توهان ڏانهن موڪليم ته "پاڻ ڪٿهن ۽ ڪٿي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجون" ان جو به توهان جواب ڪونه ڏنو.

وري مون توهان ڏانهن ميسيج موڪليو ته ڪاپڙي جي سلسلي ۾ پاڻ ٻنهي کي ون ٽو ون ملاقات ڪرڻ جي ضرورت آهي جتي توکي سهولت ٿئي اتي ملون هتي يا تو وٽ جتي چوين. پر ان ميسيج جو به توهان ڪو جواب ڪونه ڏنو. آخرڪار مون آخر ۾ توهانکي هي ميسيج موڪليو ته "جيڪڏهن توهان مون سان ڪنهن به مسئلي تي مشورو نه ٿا ڪري سگهو ته توهان لاءِ آءٌ ڪارائتو نه ٿو رهي سگهان، تنهن ڪري آئون هاڻي توهان جي رسالي مان هٽي ٿو وڃان ۽ توهان پنهنجي نموني سان انکي جاري رکو."

توهان جو رسالي جي سلسلي ۾مون سان به ان قسم جو رويو رهيو آهي ته پوءِ ٻين ڪاپڙيءَ جي ذميوار ساٿين سان ڪهڙو رويو رکندا هوندا. اهو سمجهڻ ڏکيو ڪونهي.

8. توهان جا ڪيل ناقابل عمل ۽ هوائي فيصلا.

گذريل ڪافي وقت کان وٺي توهان پارٽي جي اهم ۽ بنيادي پاليسي وارن مسئلن، توڙي اتحادن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ٻين مسئلن بابت مون سميت مرڪزي ڪميٽي جي صلاح مشوري کانسواءِ ذاتي، انفرادي، ناقابل عمل فيصلا ڪري اهي ايس ايم ايس وسيلي دوستن ڏانهن موڪليندا رهيا آهيو. جنهن ڪري هڪ طرف ادارن جي اهميت ۽ گڏيل فيصلا ڪري پوءِ عمل ڪرڻ وارو بنيادي ۽ ڪارائتو طريقه ڪار ختم ٿي ويو آهي ۽ اها ساڳي روايت ۽ روش هيٺ ضلعن توڙي ٻين محاذن جي مرڪزي عهديدارن تائين سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي آهي ۽ ٻئي طرف ذاتي ۽ شخصي طور تي فيصلا ڪرڻ وارو

Gul Hayat Institute

رجحان مٿان ڪان وٺي ضلعن تائين ڦهلجي ويو آهي. جنهن ڪري ناقابل تلافي نقصان ٿيو آهي. جنهن جا ڪجهه مثال هي آهن.

(الف) مرڪزي ڪميٽي جي گڏيل فيصلي ڪانسواءِ توهان فيصلو ڪري ايس ايم ايس هلايو ته سڄي سنڌ ۾ "محافظ سنڌ" ميمبر ڀرتي ڪيا وڃن ۽ ان مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ شهرن ۽ چونڪن تي تنبو هڻي، ايڪو سائونڊ لڳائي مهم هلائي وڃي. تحقيق، جانچ ۽ ڪنهن به شرط شروط ڪانسواءِ جيڪو به ميمبر ٿيڻ چاهي ان کي ميمبر ڪيو وڃي. پوءِ اها مهم هلي. پنهنجي پارٽي ۾ ميمبر ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو انوکو فيصلو توهان ڪيو.

(ب) بلدياتي اليڪشن ۾ هر ضلعي ۾ حصو وٺڻ لاءِ پهرين 300 اميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ پوءِ هڪدم الاءِ ڪيئن اهو فيصلو ڪيو ويو ته هر ضلعي کي 500 اميدوار بيهارڻا آهن. اهڙو ميسيج انهن ضلعن ڏانهن به موڪليو ويو جن ۾ ضلعي ڪميٽيءَ جي باڊي جوڙڻ جيترا به پارٽيءَ جا ماڻهو ڪونه آهن ۽ ان کان سواءِ اهو عجيب فيصلو به ڪيو ويو ته اليڪشن ۾ هران ماڻهو کي ٽڪيٽ ڏيو جيڪو پنهنجي پارٽي جي نشان تي بيهڻ لاءِ تيار هجي. پوءِ ڀلي ڪٽي ان جو اڳ ۾ پنهنجي پارٽيءَ سان ڪوبه واسطو يا تعلق نه رهيو هجي يا ٿلهو همدرد به نه رهيو هجي، يا ڪٽي دشمنن ۽ مخالفن طرفان موڪليل ماڻهو هجن.

(ت) ڪراچي ۾ ملين مارچ وسيلي 30 لک ماڻهو گڏ ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ کانپوءِ فيصلو ڪري ايس ايم ايس هلايو ته ڪراچي واري جلسي ۾ هر ضلعي مان 200 بسون ضرور شرڪت ڪن.

اهڙن فيصلن مان اها ڳالهه ته ظاهر ٿئي ٿي ته جنهن ضلعي ۾ 15 دوست به ناهن انهن وٽ اهو ميسيج ويندو ته اهي سمجهندا ته يا ته اسان جي قيادت کي ضلعي جي تنظيمي صورتحال جي خبر ئي ڪانهي يا هو صفا ڪي بيوقوف آهن.

(ث) 30 جون 2015 تي 12.47 بجي توهان ڏاڏا ڏانهن هيٺيون ميسيج ڪيو.

Gul Hayat Institute

"ڏاڏا اڄ 4 بجي هيٺين 34 ساٿين جي اهم ارجنٽ ميٽنگ ٻي 10 تي پليجي صاحب وٽ گهرايو ۽ هر اهم صلاح / فيصلو ارجنٽ ميٽنگ ۾ ذميوار ساٿي گڏجي ڪريو. 1. انور سومرو 2. قادر رانٽو 3.نورڪاٽيار 4. رحمان سمون 5. لال جروار 6. اسماعيل خاصخيلي 7. حئي ٻٽو 8. ستار گوپانگ 9. اشرف لاڪو 10. شوڪت سريوال 11. ابرار ابڙو 12. عارف زنئور 13. دوست علي ڪٽوهر 14. الطاف خاصخيلي 15. وسند ٿري 16. راشد داٿودپوٽو 17. عارف جوڻيجو 18. ڊاڪٽر عزيز ٽالپر 19. سومار هاليپوٽو 20. زاهد ملاح 21. اياز ڪوسو 22. زاهد گهلو 23. سجاد بروهي 24. ابراهيم سارنگ 25. ساجد مهيسر 26. خان سومرو 27. مظهر راهوجو 28. ڊاڪٽر رسول بخش 29. ڊاڪٽر دلدار لغاري 30. حاڪم جتوئي 31. وزير لغاري 32. منان شيخ 33. جمال ٻٽو 34. امتياز جتوئي."

نوٽ ڪرڻ جي هيءَ ڳالهه آهي تہ ٻارنهن لڳي ستيتاليهه منٽن تي ميسيج آيو آهي. جنهن ۾ حڪم ڏنو ويو آهي تہ چئين بجي مٿيان ساٿي ٻي 10 تي گڏ ٿين. جن ۾ گهوٽڪي، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ، مٽي ۽ ڪراچي جا بہ ماڻهو آهن. جڏهن تہ انهن کي ميسيج موڪلڻ ۾ پڻ وقت لڳو هوندو. سو اداڻي ٽن ڪلاڪن ۾ ڪيئن ماڻهو پهچي سگهن ها. پر ان جي باوجود سيني ساٿين ڏانهن ميسيج موڪليو هو جن مان ڪي مقامي ڪي ويجهن علائقن مان پنج ست ماڻهو پهتا.

2012ع واري پارٽي جي چونڊبن کان ڪجھ وقت پهرين، مرڪزي اجلاس ۾ جنهن ۾ 60,50 ساٿي شريڪ هئا اتي توهان چيو تہ "ضلعن جا صدر اهي ٿين، جن وٽ گاڏي هجي، مهمانن کي سٺي ماني کارائي سگهن، صحافين کي چانهن پارٽي ڏئي سگهن"

اهڙا انوکا، حيران ڪندڙ ڏندين آڱريون ڏيندڙ ۽ ناقابل عمل فيصلا صرف توهان ئي ڪندا رهيا آهيو. اهڙن ڪيل فيصلن تي ڪيترو عمل ٿيو ڪهڙا فائدا ٿيا، نتيجا ڪهڙا نڪتا. ان صورتحال کان سڄي پارٽي واقف آهي.

**حيران ڪندڙ ميسيج**

ڪجھ عرصو اڳ توهان ميسيج هلرايو تہ "سنڌ جي نئين گورنر لاءِ ٽي نالا تجويز (ٽن نالن ۾ هڪ نالو توهان جو بہ هو) اياز لطيف جي نالي تي ايم ڪيو ايم کي اعتراض" مطلب تہ توهان راضي هئا اعتراض رڳو ايم ڪيو ايم کي هو. فيس بوڪ تي بہ گذريل ڪافي عرصي کان اها مهم هلرائي پئي وڃي تہ "سنڌ جو گورنر اياز لطيف پليجو". 24 مئي تي فيس بوڪ تي بشير سومري جي ڪوڙي آئي. ڊي تان هي پوسٽ ٿيو. "5 روپين جو ڪيڪ. 15 روپين جي چانهن تي پرچي پوڻ وارا ساٿيو جي سنڌ جي مالڪي چاهيو ٿا تہ پوءِ "سنڌ جو گورنر اياز لطيف پليجو" ان سوچ تي سپ گڏ ٿيو"

14 مارچ 2016 تي توهان هي ميسيج هلايو.

"ڪي ساٿي ننڍين ذاتي ڪمن يا غير ضروري ڪچهري لاءِ بہ مرڪزي قيادت سان رابطو ڪندا رهن ٿا. سڌي ريت مرڪزي صدر سان رابطي بجاءِ ضلعي، ڊويزن صدر ۽ پوءِ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سان رابطو ڪيو وڃي. اهم ايمرجنسي ۾ ڪيو.اي ٽي صدر سان صرف سومر ۽ خميس تي ساڍا ٽي بجي آفيس ۾ ملي سگهجي ٿو. ڪيو اي ٽي مرڪز"

9. سنڌ جهڙي قبائلي ۽ جاگيرداري سماج ۾ جتي عورتن سان جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو ويندو هجي، جتي لڳ ڀڳ هر گهر عورت لاءِ هڪڙو قيد خانو هجي، جتي ماءِ، ڀيڻ، ڌيءَ، زال، ننهن يا ڀاڄائي جي رشتي جي فرق ڪانسواءِ هر عورت تي تشدد ٿيڻ عام، معمولي ۽ رواجي ڳالھ هجي. جتي عورت کي ڪو الزام لڳائي قتل ڪرڻ خير جهڙي ڳالھ هجي، جيڪو سماج عورتن جو ڪوس گهر هجي. اهڙي عورت دشمن، قاتل، سفاڪ، بيرحم ۽ بي حس ماحول ۾ عورتن کي سجاڳ ڪرڻ، پنهنجي حقن ۽ فرضن جي آگاهي ڏيڻ ۽ کين متحرڪ ڪري مردن سان برابريءَ جي بنياد تي قومي ۽ سياسي مسئلن ۽ حقن لاءِ جدوجهد ۾ شامل ڪرڻ، ثقافتي مورچي، سياسي جدوجهد ۾ مهاڙ واري ڪردار جهڙي نہ ٿيڻ جوڳي ڪم جي شروعات پهرئين مرحلي

Gul Hayat Institute

طور مون پنهنجي گهر وارين، ڀينرن، ڀاڻيجين، ڀائٽين ۽ پوءِ ٻئي مرحلي ۾ پارٽي جي چند اڳتي وڌيل ساٿين جي گهرن جي نياڻين سان ڪئي. مون سمجهيو ٿي تہ عورتن هزارين سالن تائين سماج ۾ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ انسان ذات کي اڳتي وڌايو آهي ڪجهہ هزار سال اڳ مردن رڳو ڪجهہ سماجي ذميوارين ۾ عورت جو هٿ ونڊرايو آهي، عورت جي اندر بي پناہ قوت آهي. عورت جي ان صلاحيت کي اڀارڻ لاءِ منهنجي شعوري ڪوشش جو نتيجو سالن جي جدوجهد کان پوءِ سنڌياڻي تحريڪ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ان سنڌياڻي تحريڪ هر جلسي، جلوس، ريليءَ، بک هڙتال، لانگ مارچ، ڌرڻن، پوليس سان ڇڪرين ۾ اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. سنڌياڻي تحريڪ پنهنجي بي مثال جدوجهدن ۽ شاندار قربانين ذريعي اسان جي پارٽي کي نہ فقط سڄي ملڪ پر پوري دنيا ۾ روشناس ڪرايو. ان حد تائين جو روسي دانشور پروفيسر گينگووسڪيءَ پنهنجي ڪتاب "پاڪستان انسائيڪلوپيڊيا" ۾ سنڌياڻي تحريڪ جو خصوصي اهميت سان ذڪر ڪيو آهي. اهڙي تنظيم کي پارٽيءَ کان ٻاهر جي قوتن، بنياد پرستن، مذهبي پنڊتن، پراڻ پسندن ۽ پارٽي سان غداري ڪندڙن جون هزارين طريقن، سوين الزامن، طرح طرح جي ناٽڪن، ڪردارڪشين، منافقين، مڪرن، غليظ حربن، حرفتن ذريعي ويهارڻ جون ڪيل ڪوششون ناڪام ٿيون. پر اها تنظيم توهان جي صدر ٿيڻ کان پوءِ آهستي آهستي ويهي رهي آهي. پارٽي اندر ڪجهہ اهڙا ڪٽنب هئا جن جا ننڍا وڏا، پوڙها پڪا، ننڍيون وڏيون نياڻيون پارٽيءَ سان هر موڙ تي هر جدوجهد ۾ شامل ۽ شريڪ رهيا هئا. اهي ڪٽنبن جا ڪٽنب هن وقت غيرسرگرم ٿي ويهي رهيا آهن نتيجي ۾ ٻين دوستن ۽ ساٿين بہ پنهنجن، مائرن، ڀينرن کي پروگرامن ۾ شامل ڪرائڻ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي تنظيمي ۽ تعليمي ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني آهي.

10. مون سان بہ ٻہ مهينا نہ ملندا آهيو ۽ جڏهن بہ ملڻ لاءِ ايندا آهيو تڏهن پاڻ سان ڪي اهڙا نوان ۽ غير ذميوار ماڻهو بہ وٺي ايندا

آهيو جن جي موجودگي جي ڪري ڪن به اهم مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ غير مناسب لڳندي آهي.

11. **ضلعي جي ڪنهن به عام ميمبر جي چوڻ تي يا پنهنجي دليان جلسا رکڻ**

ڪنهن ضلعي ۾ جلسي، جلوس يا ريلي رکڻ بابت توهان جو طريقه ڪار اڪثر ڪري هن ريت رهيو آهي.

(الف) ڪنهن ضلعي مان ڪوبه ميمبر پوءِ چاهي اتي اهو سرگرم هجي يا نه؟ ميٽنگن ۾ شرڪت ڪندو هجي يا نه؟ ان ضلعي جي اهم ادارن ۾ ميمبر آهي يا نه؟ ضلعي جي دوستن سان صلاح مشورو ڪري پوءِ جلسي جو ٽائيم وٺڻ آيو آهي يا پنهنجي ذاتي راءِ ۽ مرضيءَ سان آيو آهي. انهن ڳالهين جو خيال ڪرڻ ۽ ضلعي جي اهم عهديدارن جي گڏيل صلاح مصلحت ڪانسواءِ ان هڪڙي يا ٻن دوستن جي چوڻ تي جلسي جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏيندا آهيو. تنهنڪري دادو، جان محمد، ڪوررواه، موريا ۽ ٻين شهرن ۾ اهڙي ريت توهان جلسا رکايا ۽ ٽائيم ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ ضلعي جي ذميوار دوستن کي ان پروگرام جي پورائي تمام وڏي مشڪلاتن سان ڪرڻي پوندي آهي.

(ب) پروگرام جي تاريخ مقرر ڪري ان جو sms هلائي پوءِ ضلعي جي دوستن کي حڪم ڪندا آهيو ته اهو پروگرام هر صورت ۾ ڪامياب ڪيو وڃي.

(ت) جڏهن پروگرام جون سرگرميون شروع ٿي وينديون آهن ته پوءِ توهان مطالبا ڪندا آهيو ته هاڻ هيترا ماڻهو هيتريون ڪرسيون ۽ پرپور آجيان ڪرڻ لاءِ ڪارن، موٽر سائيڪلن ۽ ماڻهن جو بندوبست ڪيو وڃي. انهن جلسن ۽ پروگرامن ۾ پهچڻ ڪانپوءِ توهان مقامي دوستن کي چوندا آهيو ته هاڻ جلدي ڪري جلسو ختم ڪريو ته جيئن ميڊيا تي خبر هلي يا مونکي ضروري ڪم آهن يا T.V ٽاڪ شوز ۾ ويٺو آهي يا لائيو پروگرام جو ٽائيم رکيل آهي. اهڙي تڪڙ جي ڪري اهي جلسا ۽ پروگرام ڀرپور نموني سان هلڻ بجاءِ جلد ختم ٿيو وڃن. تقريرن جي سلسلي ۾ توهان ڪجهه غير اهم مقامي دوستن کان تقريرون ڪرائي اهم مقامي دوستن ۽ برادر محاذن جي



Gul Hayat Institute

اهم مرڪزي دوستن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهيو. پر جيڪڏهن برادر محاذن ۾ QAT جي مرڪزي اڳواڻن مان جن کي تقريرون ڪرائيندا آهيو تن کي به تقرير شروع ڪرڻ کانپوءِ چند سيڪنڊن ۾ مختصر جي چٽي اچي ملندي آهي ۽ چنين ملڻ جو اهو سلسلو تيستائين جاري رهندو جيستائين مقرر چند منٽن ۾ تقرير ختم نٿو ڪري

(ح) پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ بندوبست هوندي باربار دوستن جي اسرار جي باوجود ساٿين سان ملڻ، چانهه پيئڻ لاءِ گڏجي ويهڻ يا ماني وغيره کائڻ، ان بهاني پروگرام جي ڪمين پيشين تي ڳالهائڻ جو به ٽائيم نه ڏيندا آهيو. بس مينهن واءِ ڪري روانا ٿي ويندا آهيو. ريلي نڪتي، توهان کان اڳ ڪجهه دوستن ٽڙتڪڙ ۾ ڪا تقرير ڪئي توهان جي ڪلاڪ ڏيڍ جي تقرير تي بس پوءِ جلسو ٿيو پورو. انهن جلسن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ دوست ڏينهن رات محنتون ڪن ٿا، هزارين روپيا خرچ اچي ٿو. ڪن علائقن ۾ خرچ وڌيڪ اچيو وڃي ۽ پئسا ڪٽي پون ٿا. پوءِ اهڙا ساٿي توهان سان رابطي ڪرڻ جي جرئت ئي نه ڪندا آهن. جنهن جي ڪري بندوبست ڪندڙ دوست قرضي ٿيو وڃن ۽ پنهنجي هڙان وڙان اهو قرض پريو ڏين. پر پوءِ اهي ساٿي يا ته سست ۽ مايوس ٿيو وڃن ٿا يا وري سرگرمي گهٽايو ٿا ڇڏين.

(د) منهنجي سالگره ملهائڻ جي سلسلي ۾ به توهان ائين ئي ڪيو جو جڏهن نوشهرو فيروز جي دوستن پڊعيلن ۾ پنهنجي دليان منهنجي سالگره ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري ته توهان زبردستي انهن جي تجويز کي رد ڪري اتي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي ڪانفرنس رکرائي ۽ ڪراچي وارن دوستن تي زور پريو ته اهي منهنجي سالگره ملهائڻ جو مقامي وسيلن ۽ فنڊن جي بنياد تي هڪ وڏي جلسي عام جو بندوبست ڪن. انهن دوستن چيو ته پنهنجن وسيلن تي ايڏو وڏو بندوبست اسان نه ٿا ڪري سگهون. ان کانپوءِ توهان وري ميرپورخاص جي دوستن کي ساڳئي ڪراچي واري هدايت ڪئي جن به لڳ ڀڳ ساڳيو جواب ڏنو ان کانپوءِ توهان ۽ ٻين دوستن ٻين ضلعن جي دوستن سان به ڳالهايو پر ڪوبه تيار نه ٿيو. اها پارٽيءَ اندر هڪڙي خواري ۽ ڪل جهڙي ۽ انتهائي غير مناسب ڳالهه تي پئي ته پارٽي جي باني

سربراه ۽ قائد جي سالگره ملهائڻ لاءِ ڪو به ضلعو تيار ڪونهي ان جو مکيه ۽ بنيادي سبب توهان جا جلسن جي سلسلي ۾ اهي مطالبا هجن ٿا جيڪي ضلعا پورا نه ٿا ڪري سگهن. آخرڪار ڪراچي جي هڪ پيڙ ڪي مٿئين صورتحال جي نتيجي ۾ جوش آيو جنهن چيو ته پليجي صاحب جي سالگره لاءِ پنجاهه هزار روپيا فنڊ آئون ڏيان ٿي باقي فنڊ بيا پائر ڪن جنهن کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ سالگره جو جهڙو تهڙو پروگرام ڪيو ويو.

12. سينيئر دوستن کي آهستي آهستي پاسيرو ڪرڻ لاءِ ايس ايس ٽي ۽ نوجوان تحريڪ مان ڪن من پسند نوجوانن کي جلسن ۽ ريلين ۾ پنهنجي سڄي ڪهي پاسي گڏ ڪٽي هلڻ ۽ سينيئر ساٿين لاءِ اها مهم شروع ڪرڻ ته هي پوڙها پارٽي ۽ مدي خارج آهن سي ڪجهه ڪري ڪونه سگهندا. هي جيڪي مون وڏا ڪم ڪيا آهن اهي هي ڪونه ڪرڻ ڏين ها جيڪڏهن آئون هنن کان مشورو وٺان ها . اهڙي ريت ڪن جلسن ۾ تقريرن دوران ۽ ڪچهرين ۾ توهان پاڻ ٽوڪ، طنز ۽ چٿر ڪري يا پنهنجن ويجهن ماڻهن هٿان اهڙي مهم هلرائيندا رهيا آهيو. هڪ پاسي پنهنجي چونڊ، خاص ماڻهن معرفت پاڻ کي چي گويرا، چي، چيف، سرواڻ سنڌ، رهبر چورائي نعرا هڻائيندا رهيا آهيو. ٻئي پاسي نوجوانن کي وري چي جا ريڊ گوريلا، چيتا، چيف جا سپاهي، جان نثارِ اياز جا لقب ڏيندا رهيا آهيو جنهن جي نتيجي ۾ هو مت مان نڪري شوبازي واري سياست جي بيماريءَ ۾ ڦاسي چڙواڳيءَ جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. ان سان گڏ نوجوانن کي زور زبردستي ۽ غنڊه گردي ڪري بلڊرن ۽ واپارين کان چندي (ڀتي) وٺڻ جو هدايتون ڏيندا رهيا آهيو. جنهن جو وڏي ۾ وڏو مثال لنڊن ٽائون حيدرآباد ۾ ٿيل منهنجي سالگره جو آهي. ان پروگرام جي تيارين دوران ايس ايس ٽي ۽ نوجوان تحريڪ جي ساٿين کي توهان کلي عام اهي هدايتون ڏنيون ته غنڊه گردي ڪري به بلڊرن، واپارين، پيٽرول پمپ مالڪن کان وڏ ۾ وڏ پئسا وٺو. اهو عمل ڪو خراب نه آهي. ايئن نه ڪرڻ بزدلي آهي . تنهن ڪري اسان جي ساٿين کي هاڻي آهستي آهستي اهڙا دليريءَ وارا ڪم ڪرڻ کپن.

Gul Hayat Institute

گذريل ائن سالن دوران ڪنهن بہ مداخلت ڪانسواءِ قائم توهان جي ليڊرشپ ۾ برابر ڪي تمام چڱا ڪم بہ ٿيا آهن جن جو فائدو پارٽيءَ قوم ڪي ڏيڻ بجاءِ توهان پنهنجي ذات کي ڏيندا رهيا آهيو. پر ان جي ابتڙ پاليسين، حڪمت عملين، فيصلا سازيءَ ڊسيپلين، تنظيم سازيءَ روين ۽ عملن جون جيڪي خرابيون ٿيون آهن، جن اسانجي سمورن برادر محاذن ۽ خود قومي عوامي تحريڪ کي جڙ ترين ۾ ويهاري ڇڏيو آهي. ان جا داستان نہ ڪٿڻ جهڙا آهن. جن جي تفصيلن جا ڪتاب لکجي سگهجن ٿا. پر هتي اهڙن واقعن جا نموني خاطر چند مثال ڏنا ويا آهن.

آخري ڳالهہ تہ توهان سميت پارٽي جي ماڻهن مان ڪن کي گهٽ ٿوري خبر هونديءَ ڪن کي ڪونہ هوندي تہ آئون جڏهن کان سمجهہ ۽ سرت ۾ پير ٿيو آهيان. تڏهن کان وٺي ذاتي توڙي سياسي زندگيءَ ۾ سڄو وقت حالتِ جنگ ۾ رهيو آهيان. تنهن ڪري آئون وفادارين ۽ بي وفائين، محبتن ۽ نفرتن، دوستين ۽ دشمنين، ڀروسن ۽ بي ڀروسائين، سچاين ۽ ڪوڙن، ٺڳين، دوکن، منافقين ۽ مڪارين جي بہ واٽي تي هلندو رهيو آهيان. اهڙي پل سراط جهڙي پُر خطر رستي تي هلندي مون بي انتها، نا قابل بيان، وفاداريون، محبتون، دوستيون، ڀروسا، سچايون ۽ خلوص بہ ڏنا ۽ انهن کي پنهنجي پارٽي، پنهنجي مظلوم قوم ۽ ڀورهيت عوام جي مفادن لاءِ ڪتب آڻيندي خوب مزو وٺي خوشي بہ حاصل ڪئي، تہ ان سان گڏ بي وفاين، غدارين، ويساهہ گهاتين، نفرتن، دشمنين، ڪوڙن، ٺڳين، دوکن، منافقين ۽ مڪارين جي قاتل زهر جا ڍڪن مٿان ڍڪ بہ ڀريا ۽ انهن جي ڪوڙاڻ جو ذائقو چکي مزو بہ ورتو. پر آئون انهن منفي، لاڙن، ڳالهين ۽ ماڻهن کي پنهنجي سچن ساٿين جي ساٿ سان ۽ پنهنجي بي پناهہ خود اعتمادي ۽ خودداريءَ علم، عقل، عمل سان گڏ سڄي دنيا جي انقلابين جي ڏسيل رستي واري نقش قدم تي هلندي پنهنجي پيرن سان لتاڙيندو چيڀاٽيندو پنهنجي وطن ۽ ويڙهيچن جي بچاءَ ۽ بقا جي جدوجهد ۾ اڳتي وڌندو رهيو آهيان. اهو صحيح آهي تہ جيئن منهنجا، پارٽيءَ جا




Gul Hayat Institute

۽ سنڌي پورهيت عوام جا مخالف وقت به وقت ڪئي دفعا اسان جي راهه ۾ زلزلا برپا ڪري اسان جي رفتار کي گهٽائڻ يا وقتي طرح بيهارڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن. پر اسان جهٽڪو ۽ لوڏو کائي، پاڻ سنڀالي وري به اڳتي وڌندا رهيا آهيون. تيئن مونکي اميد ۽ يقين آهي ته هن دفعي به پنهنجي پارٽي هن صورتحال مان نڪرڻ ۾ ضرور سوڀاري ٿيندي. آءٌ اهو به تصور ڪريان ٿو ته تي سگهي ٿو ته هيءَ سموري لکت توهان کي وڏاءَ واري، بي واجبيءَ واري ۽ توهان سان ناانصافيءَ واري لڳي پر پيءُ پٽ جي رشتي کان تمام ڪيئي دفعا مٿانهون جيڪو سياسي، نظرياتي، هڪڙي مقصد ۽ منزل جو رشتو ٿئي ٿو ان جي تقاضا آهي ته جيڪي پارٽيءَ اندر نظريي، لائين، پاليسين، حڪمت عملين، روين، لاڙن ۽ فيصلہ سازيءَ جي طريقن ۾ نقص آهن انهن جي نشاندهي ڪري انهن جي سڌاري لاءِ اپاءَ وٺان. مونکي پڪ آهي ته مٿي ذڪر ڪيل نقصن جي موجودگيءَ ۾ اسان جي پارٽي صحيح رستي تي هلي، ترقي ڪري پنهنجا مقصد حاصل ڪري ڪانہ سگهندي. تنهن ڪري منهنجي خواهش بلڪ زوردار ڪوشش هوندي ته اسان جي پارٽي انهن مسئلن جي ڏيڻ مان جلد کان جلد ٻاهر نڪري تيزيءَ سان صحيح رستي تي اڳتي وڌي، ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان سميت پارٽيءَ جي سمورن ڪارڪنن جو فرض ۽ ذميواري آهي ته اهي هن سلسلي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن. ڪير ڪهڙو ٿو ڪردار ادا ڪري اهو توهان سميت هر هڪ تي ڇڏيل آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان ته توهان سميت پارٽيءَ جا ڪارڪن ڀرپور ڪردار ادا ڪندا ۽ پنهنجي پارٽي ۽ عوام جي هن موجوده گهوٽالي مان جند ڇڏائيندا.

رسول بخش پليجو
سربراهہ
قومي عوامي تحريڪ

Gul Hayat Institute




توهان 27 نومبر 2015 تي فيس بوڪ تي قومي عوامي تحريڪ جو جيڪو (سيڪريٽ) ڳجهو گروپ ٺاهيو آهي، جنهن جا ايڊمن توهان هئا. ايڊمن هجڻ جي حيثيت ۾ هر پوسٽ کي گروپ ۾ پوسٽ ڪرڻ جو اختيار فقط توهان وٽ هو. پر توهان کي جيئن ئي 6 سيپٽمبر 2016 تي منهنجو لکيل خط مليو. ان ئي ڏينهن توهان پنهنجي جاءِ تي مليحا آڪاش کي ايڊمن مقرر ڪيو. پارٽيءَ جي خلاف مهم هلائيندڙ آئي ڊي کي ابوظهبي ۾ رهندڙ مليحا آڪاش ۽ ملائيشيا ۾ رهندڙ فريال شاهه ڪيئن آپريٽ ڪري رهيون آهن؟ هن گروپ ۾ 850 ميمبر آهن جن مان 400 جي لڳ ڀڳ پارٽيءَ جا ڪارڪن آهن باقي نالا ڪوڙا آهن. مثال دانيال فرحان خاصخيلي، ڪمال لغاري، مليحا آڪاش، فريال شاهه آزاد پليجو جيسمين امداد پليجو ڪاپڙي ميگزين، فرزانا، سنڌياڻي تحريڪ وغيره جهڙن نالن سان توهان پاڻ پارٽيءَ خلاف ۽ ڪن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف انتهائي بدفضيلتيءَ واري گندي زبان ۾ سياسي، تنظيمي ۽ ذاتي حملن واريون پوسٽون رکندا رهيا آهيو. توهان جي انهن پوسٽن کي وري مٿين ڪوڙين آءِ ڊين ذريعي توهان ئي لائق، شيئر ۽ ڪمينٽس ڪندا رهيا آهيو.

Gul Hayat Institute

تحريڪ ۾ شروع ڪجي؟ ڇا مون کانئن اهو سوال ڪيو ته جي عوام بدران رڳو پنهنجن ڪارڪنن کي ئي بار بار سجاڳ ڪندو رهڻو آهي ته پوءِ ته اهو ڪم عزيز سلام بخاري، امام علي نازش، مير ٽيپو خالق جوٽيجو عبدالواحد آريسر، پروفيسسر عزيز احمد ڪئي ڍاڪن تائين ڪيو پر نتيجو ٻڙي زيريان ٻڙي، برابر اسان انهن جي ابتڙ ڪارڪنن سان گڏ لکين ماڻهو به متحرڪ ڪيا آهن ۽ اهو به سچ آهي ته پيپلز پارٽي جي هن ڪرپٽ حڪومت جو مقابلو گزريل ائن سالن ۾ فقط ايازلطيف صاحب ۽ اسان ئي کلي طرح ڪيو آهي، انڪري اياز صاحب مسلس نشاني تي به آهي. اياز صاحب جي سيپٽنبر 2009 ۾ پهريون پيرو صدر چونڊجڻ کان چار مهنا اڳ مئي ۽ جون 2009 ۾ عوامي تحريڪ ۾ وشني مل، مشتاق راڄپر، جامي چانڊيو سراج سيال ۽ ابرار قاضي جي قيادت ۾ بغاوت ٿي چڪي هئي ۽ عوامي جمهوري ڪائونسل ٺهي چڪي هئي، هر ٻين ٽين هفتي اي جي سي وارا سازشن سان عوامي تحريڪ جا ڪارڪن برغلائي يا خريد ڪري سندن ڪائونسل ۾ شامل ڪري رهيا هئا. ان تيز ٽوڙ ڦوڙ کي روڪڻ لاءِ ۽ پارٽي کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پارٽي پاران اياز صاحب کي مرڪزي صدر چونڊيو ويو ۽ سندس ايندي شرط آڪٽوبر کان ڪنڊڪوٽ کان ڪراچي تائين ستيتاليه ڏينهن جي تاريخي لانگ مارچ شروع ٿي ۽ پهرين صف ۾ هلندڙسائين ايازلطيف، سائين حڪيم هاليپوٽو سائين عالم شاهه سائين لطيف بلوچ، سائين محمد خان پرڳڙي ۽ ڪيو اي ٽي ڪارڪن ۽ سنڌياڻيون جنهن شهر پهتا ٿي ته هزارين ماڻهن ۽ سمورين پارٽين سندن استقبال ٿي ڪيو. سڄي سنڌ جڻ ٻري اٿي هئي ۽ ان سياسي طوفان ۽ پوءِ سپنا جي جلسن، پارٽي دورن، ڪانفرنسن ۽ جدوجهدن ۾ اياز صاحب پي پي پي ۽ ايم ڪيو ايم جي ايجنٽن، ديشين، پته خورن ۽ اي جي پي جي سازشن کي دفن ڪري ڇڏيو. پوءِ جلسا، ڌرڻا، شهر شهر ۾ محبت سنڌ ريليون، ڪراچي، شڪارپور، ميرپورخاص، لاڙڪاڻي، دادو لياري، جيڪب آباد، سکر، گهوٽڪي، ڪنڊڪوٽ، وارهه مورو شهدادپور، ننگرپارڪر، ٺٽو ۾ تاريخي جلسا، ريليون، ٽرين مارچ، بندن تي ڌرڻا، شاهرائون بلاڪ ۽ سڀ کان وڏي ڳاله تي عوامي تحريڪ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ ٻي پويان چار ڪامياب هڙتالون، مخالفن

Gul Hayat Institute

سميت سڄي سنڌ ۽ ملڪ کي ڏنڊين انگريزن اڇي ويون تہ آخر هي تي ڇا پيو؟ جذهن حب الوطني، ثقافت، تاريخ، زبان ۽ عوامي آزاديءَ جي خواهش جي هڪ ئي مالا ۾ پروئجي هڪ خاص ترتيب، تخليق ۽ تنظيم ۾ ساري قوم شريڪ ٿيندي آهي ۽ وطن جي هڪ ياڱي کان ٻئي تائين قوم جا فرد ڪنهن هڪ مقصد کي بنا رقابت، بنا حسد، بنا ضد ۽ ساڙ جي پنهنجو سمجهڻ، ان کي زنده ۽ سلامت رکڻ، اُن سان پيار ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳرائيءَ واري جذبي سان ڪوشش ڪري، پنهنجو پاڻ ملهائين ٿا تہ پوءِ تاريخي قومي جدوجهدون ۽ ڪاميابيون تحفي ۾ ملنديون آهن جيئين نومبر ڊسمبر 2014 واري بيداري مارچ جهڙي تيز ۽ حيرت انگيز جدوجهد شايد ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ نہ هجي، لکين ماڻهن جا انبوهہ سڄي ڪيو اي ٽي قيادت اياز صاحب سان گڏ ميدان ۾ هڪ هڪ ڏينهن ۾ ٻارنهن ٽيرنهن جلسا، هزارين گاڏيون گڏ، ميڊيا ۽ مخالف پريشان...... پر پوءِ اوچتو جنوري فيبروري 2015 ۾ ڪهڙي وڄ ڪري جو اسان ۾ ماٺ ٿي وئي؟ آخر ٿيو ڇا؟ بيداري مارچ ڪنهن کي ڪونہ وڻي؟ ٻي طرف پي پي ۽ ان جي ايجنٽن جا اياز لطيف تي سڌا حملا، اخبارون، رسالا، ميٽنگون، ڪالم، ڊورا هر هنڌ اياز صاحب خلاف پيپلز پارٽي جي حڪم تي باهہ ٻري وئي.......

خير وري بہ اياز صاحب جي تخليقي ذهن رڪاوٽن باوجود نئون گس ڪڍيو ۽ جولاءِ 2015 ۾ ڪيو اي ٽي جو تاريخ ۾ ڦهريون پيرو ڏهہ ڏينهن ڪرپشن خلاف حيدرآباد ۾ يادگار ڌرڻو لڳو. ممتاز ڀٽو، ذوالفقار مرزا، فنڪشنل، نواز ليگ، پي ٽي آءِ، ايم اين اي، سينيٽر، ايم پي اي، اديب، قومپرست سڀ اچي نسيم نگر تي گڏ ٿيا، عوامي تحريڪ ڀيهر ڇائنجي وئي. پوءِ اياز صاحب ڪلفٽن ڌرڻي جو اعلان ڪيو، وزيرن، آءِ جي، ڊي آءِ جي، اخباري مالڪن روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر 22 مئي ۽ 15 جولاءِ ڪبول پارڪ لياري جي چيلينج وانگر اياز صاحب واپس نہ هٽيو ساٿي لياقت جهتيال گرفتار ڪيو ويو، رستا روڪيا ويا، پر جيئن 22 مئي تي گولين جي وسڪاري ۾ پريس ڪلب تائين پنڌ جاري رکيو ويو هو ائين ئي تاريخي احتجاج جو فيصلو برقرار رهيو ۽ بيداري مارچ ۽ ٽرين مارچ جيان تاريخ ۾ ڦهريون پيرو هزارين ماڻهو ۽ ڪيو اي ٽي جا دلير ساٿي ۽ بهادر ڀينرون، هاري تحريڪ ۽ مزدور تحريڪ جا جوشيلا

Gul Hayat Institute

ڪارڪن، ايس ايس ٽي ۽ ايس اين ٽي جا نوجوان بلاول هائوس ويجهو مين چوڪ ۾ ڏينهن بلاڪ ڪري ويٺا رهيا. سڄي ملڪي ميڊيا ۽ ڪراچي جي ارب پتين ۾ تاڪوڙو پئجي ويو سنڌ ڪابينا لڏي وئي.. پر اهو فيصلو اياز لطيف صاحب صحيح ڪيو يا شايد ڪانئنس دشمن بابت اندازي جي غلطي ٿي وئي؟ اطلاعن موجب ان ڏرٽي ڪان اڳ فريال ٽالپر، قائم علي شاهه شرجيل ٽنهي پيپلز پارٽي ٽئي ضلعي جي اهم اڳواڻ کي بلاول هائوس گهرائي حڪم ڏنو ته اياز صاحب کي ڪراچي اچڻ کا روڪيو پوءِ ڪئي ڪوششون ٿيون، سرنگون لڳيون، سازشون ٿيون، دڙڪا مليا، مطلب ته ڪئي گيئر لڳا، پر هو شخص پيپلز پارٽي خلاف سندس هيڊ ڪواٽر ڪلفٽن تي ڏرٽي جي عظيم فيصلي تان نه هٽيو.

پيپلز پارٽي جيڪا اڳ ۾ معمولي ڪاروباري پارٽنرشپ ۾ ناراضگي تي قادر مگسي سان سندس ئي پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي هٿان جٽ ڪرائي چڪي هئي، ساڳيو ڪم نواز ليگ خود جلال شاهه جي پارٽي جي سينيئر نائب صدر شاهه محمد شاهه کي ڦيرائي ڪري چڪي هئي، ۽ تحريڪ هلندي ساڳيو حشر مشرف امين فهيم ذريعي پي پي سان ۽ نواز شريف جاويد هاشمي ذريعي عمران خان سان ٽي ڪيو اهڙي ڪا واردات به پي پي شايد سوچي هجي پر بظاهر ڦبي ڪانه، ان ڪان ڪئي سال اڳ مرحوم ولي خان جي پيرسني واري دور ۾ ايجنسيز اجمل خٽڪ ذريعي اي اين پي تي قبضو ڪرڻ چاهيو هو پر اسفنديار ۽ افراسياب اها سازش ناڪام بڻائي هئي، ان ڪان اڳ غلام احمد بلور به فڪر باچا خان جي نالي سان ايم آر ڊي تحريڪ هلندي 1983 ۾ اوچتو ڏقير وجهي خدائي خدمتگار تحريڪ ٽي شروع ڪئي، ان لاءِ هن پيرمرد خان غفار خان کي ٻين سيني اڳواڻن خلاف پڙڪايو ته اهي سڀ اوهان جي خلاف آهن، پر اها سازش ولي خان روڪي ڇڏي، ان جي باوجود ڪجهه وقت تائين بلور 90 سالن جي پيرمرد غفار خان کي زوري گڏ ڪٽي مختلف دورا ڪري سندس آڙ ۾ سازش جي ڪوشش ڪندو رهيو جيئن اڄ ڪله تاج جويو محسن جويو سليم ميمڻ قابل احترام ابراهيم جويو صاحب کي زوري ڪنيو سندن ذاتي فائدا پيا وٺن، ايتري حد تائين جو جويو صاحب ڪڏهن

Gul Hayat Institute

خطرناڪ وار پي ڪيا، ڪن اخبارن ۾ سندس خبرون بند ڪري ڇڏيون، ڪن سندس ڪاميابين جو سوشل ميڊيا تي مڪمل بائيڪاٽ ڪرڻ جو تہ ڪن مٿس حملن ڪرڻ جو وچن ڪيو ڪن شهرن ۾ ڳوٺن ۾ سندس خلاف سُس پُس ڪلچر ۽ پي پي پگھاردارن واري پروپيگنڊا شروع ڪئي تہ ڇهن سالن ۾ رڳو جلسا ۽ ريليون نڪتيون، ڪارڪنن سان رابطو ناهي رهيو تنظيم سازي رهجي وئي، نظرياتي مطالعو ناهي، ڪن يلغار ڪئي تہ شهرن جا ماڻهو تنگ ۽ غدار آهن شهرن ۾ وڏا جلسا ڪرڻ بدران ڳوٺن ۾ ڪم نہ ڪري نقصان ڪيو ويو ڪن چيو تہ پي پي خلاف تحريڪ بدران طالبان ۽ آمريڪا بابت ڳوٺن ۾ ليڪچر رکجن ها. ڪن رحمان ملڪ، رضاهارون ۽ فيصل سبزواري جهڙن تي چيو تہ اياز ڪراچي ڇو ٿو اچي، ڪن جي يو آءِ جي ملن تي چيو تہ ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور ڇو ٿو اچي، ڪن جو چوڻ هو تہ بشير قريشي، انور لغاري ۽ خالد محمود سومري جي تدفين يا تڏي تي ڇو آيو ۽ ڪن جو چوڻ هو تہ مظفر ڀٽي ۽ ڏاهر ڀنيري جي جنازي ۾ شريڪ ڇو نہ ٿيو؟ پر ٽارگيٽ سيني جو صرف اياز لطيف پليجو هئو مقصد سيني جو هڪ ئي هو تہ هي شخص ڪيل نشاني ۽ موضوع يعني ڪرپٽ زرداري ۽ دهشتگرد ايم ڪيو ايم ڪان مڙي ئي نئون ٻين عارضي اشوز اٽڪلن، پروپيگنڊا ۽ دليلن ۾ ڦاسي، ليڪچرن، عالمي جنگين ۽ چين روس جي بحثن ۾ الجھي پيپلز پارٽي جي جان ڇڏي ئي نئون روز جلسا، احتجاج، ريليون، ڌرڻا، هڙتالون، مارچون ڪري ڪيو اي تي تيزي سان چائنجي پئي، انڪري جي بلاول کي سنڌ ۾ لانچ ڪرڻو آهي ۽ 2018 جي اليڪشن ڪنٽي تہ ڪروڙ خرچ ڪري بہ 2016 يا 2017 ۾ هن اياز پليجي مان ڇڏايو هي ئي آهي جنهن کي ملڪي ميڊيا ٻڏي تي، جيڪو فيصل آباد، جهنگ ۽ ملتان بہ وڃي ٿو تہ چوهڙ ۽ ٽُل بہ پهچيو وڃي، سنڌ ۾ جتي بہ سئو ماڻهو بہ ڪنهن ميٽنگ يا جلسي ۾ هفتن ۽ مهنن جي تياري کان پوءِ بہ مشڪل سان گڏ ٿين ٿا، اتي هي ئي آهي جنهن کي ٻڌڻ لاءِ هزارين ماڻهو چونڪن تي گڏ ٿيو ٿا وڃن، سوشل ميڊيا تي بہ سندس اهم پوسٽس کي رڳو ڪارڪن نہ پر هزارين عام ماڻهو پنهنجي دل جو آواز سمجهي شيئر ڪن ٿا، سندس تقرير، جهلڪ ۽ انٽرويو ڏسڻ لاءِ ماڻهو انتظارڪن ٿا. ڪارڪن ۽ عام ماڻهو ريلين ۾ مٿانئس قربان

Gul Hayat Institute

قربان پيا ٿين، پوڙهيون امڙيون دعائون پين ڪن. گبول پارڪ جلسي ۾ رحمان بلوچ جي ماءُ به پاڪ ڪتاب مٿي تي رکي فقط ڪيس ئي دعا ٿي ڪري. تنهنڪري خدا جي واسطي ڪا نه ڪا سازش ڪري، سندس ئي آس پاس ڪو غدارن جو ٽولو پرتي ڪري، انجي هٿان ڪا سازش تيار ڪرائي، ڪي نه ڪي دليل گهڙائي، ڪو منطق ٺاهي پهرين هن کي ڪيو اي ٽي جي صدارت تان هٽايو ۽ ڪيو اي ٽي جي مسلسل ماٺ مان مايوس ڪري ڪيس پارٽي مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ پوءِ اتي ڪو فضيلت پريو فرمانبردار غير مقبول، مهني ۾ چار ڏينهن ليڪچرن، چوپڙين ۽ قومي گيتن تي ڏيان ڏيندڙ ملڪي ۽ صوبائي سياست کان مڪمل لاتعلق ۽ بي خبر ۽ اصل مالڪن جي حڪم تي هلندڙ همراهه ڪيو اي ٽي جو صدر ڪيو پوءِ ملڪ مڙوئي مٺائي آهي، هن پي پي مخالف اياز پليجي جهڙي عذاب مان جان ڇٽي ته جسقم، ايس يو پي، ايس ٽي پي، فنڪشنل، شهيد ڀٽو نواز ليگ، جي يو آءِ ته هونئين پي پي ۽ ايجنسين جي ڪيسي ۾ پيل آهن. نون ناظمن جي ذريعي ڪيو اي ٽي جو نئون صدر ۽ بادي به مينيج ڪبا رهبا.

اهي نوان مرڪزي عهديدار مالڪن ۽ ناظمن جي صلاح سان وڏن جلسن، احتجاجن، مقابلن، ريلين ڊرٽن، چيلينجن ۽ هڙتالن جو عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن گس ڇڏي پلي پيا مهني ۾ 8 ڳوٺن جو دورو ڪن، پر 25 ضلعن، 115 تعلقن، 1100 يوسيز ۽ 70000 ڳوٺن واري سنڌ جي اڌ ڳوٺن ۾ ليڪچر ڏيڻ لاءِ 8 ڳوٺ في مهني جي حساب سان سال ۾ 100 ڳوٺ ڪور ٿيندا ۽ ڪل ڳوٺن جو اڌ يعني 35000 ڳوٺن ۾ هڪ ڦيرو به وجهڻ لاءِ 350 سال لڳندا. بهترين ڪامريڊ لڪي پڙي رهو. بس پوءِ وري موٽي ايندو سنڌ جي اڪثر سياسي پارٽين ۾ 2005,6,7,8,9 وارو دور سال ۾ هڪ اڌ پريس ڪلب حيدرآباد ۾ 150 ماڻهن جو پروگرام، هر ٻي ٽي سال هڪ وڏو جلسو ۽ هر هفتي بند ڪمرن ۾ ميٽنگون، تجزيا، ليڪچر، بحث، گيت، تبصرا، پريس ڪانفرنس ۽ مذمتي بيان. زرداري به خوش، پاڻ به خوش، ڪاهي ڊر به خوش، ايم ڪيو ايم به خوش، پنجاب جا حڪمران به خوش، وڪاٽل ليڪڪ ۽ اخباري مالڪ به خوش، اين جي اوز به خوش، ملان به خوش، اين اي ڊي به خوش، نوان ناظم به خوش، سينيٽر به خوش، وزير به خوش، قومپرست به خوش ۽ ايجنسيون

Gul Hayat Institute

ٻه خوش. بس رڳو پري سياسي ٻيڙي مان هن مسلسل جدوجهد جي حامي واٽئي اياز پليجي کي ڏڪو ڏيڻ جي ضرورت آهي.

اياز صاحب کان هڪ ٻي به غلطي شايد ٿي پئي، هنجي جدوجهدن ۾ دليلن جو اهم فوڪس ته ڪرپٽ پي پي پي ۽ ايم ڪيو ايم ئي هئا پر هن پيٽرول، گيس، ڪوئلي، پاڻي، بحريه، ڊي ايڇ اي، ذوالفقار آباد ۽ بندرگاهه جا انتهائي اهم ۽ چرڪائيندڙ فيڪٽس ڏئي، ڪالاباغ جي اردو ميڊيا تي انگن اکرن سان شديد مخالفت ڪري ۽ سنڌ جي وسيلن جي مالڪي گهري اسٽيبلشمينٽ ۽ ملڪ جي اصل مالڪن کي به چرڪائي مخالف بنائي وڌو آهي، ساڳي وقت آشا، لتا، حوا ۽ رنڪل جو ذڪر ڪري ڪري ملان به سندس مخالف ڪيا اٿس، مثال سون تي سهاڳو وري اهو جو اين اي ڊي ۽ آمريڪن سي آءِ اي تي به هر هنڌ تفصيلي روشني وجهي انهن کي اگهاڙو تو ڪري ته پوءِ اهڙي ليڊر تي سيني طرفن کان مسلس حملا ڇو نه ٿين؟

اياز صاحب ۽ ڪيو اي ٽي جو سڀ کان ڪامياب هٿيار رهيو آهي ته بنان وسيلن جي به مسلسل ميدان ۾ رهڻو آهي، مسلسل سنڌ دشمن سان ويڙهه ڪرڻي آهي، ان مسلسل حالت جدوجهد ۽ جنگ ۾ رهڻ ڪري ئي اياز صاحب ڪيو اي ٽي کي اتي وڃي پهچايو جو عمران خان، نواز شريف، سراج الحق، بلور، شاهي سيد، امتياز شيخ، لياقت جتوئي، خالد محمود، مارئي ميمڻ، مرتضيٰ جتوئي، جلال شاهه قادر مگسي، بشير قريشي، چام مدد، خواجه سعد رفيق سڀ سندس گهر هلي آيا ٿي، نوزا شريف هڙتال ملتوي ڪرڻ لاءِ فون ڪيا ٿي، ممتاز ڀٽا، ذوالفقار مرزا سندس ڌرڻن ۾ وڃنا ٿي، ڪيو اي ٽي جي ڪلفٽن تي ٿيل اي پي سيز ۾ سڄي ليڊرشپ شريڪ ٿي ٿي، عزيربلوچ ۽ لاڏلا جا ٺاهه به وٽس ٿيا پي، ايم ڪيو ايم جيڪا سدائين ٻين کي گيسي ڪرائيندي هئي سا وٽس گيسي ڪرڻ هلي آئي، لاهور ۽ اسلام آباد اسٽيشنن تي سندس مارچ جي استقبال لاءِ جميل عمر، شازيه خان، فاروق طارق، فرزانا باري سميت سڄو ليفٽ هزارن ۾ اچي ڪٺو ٿيو سرور باري ۽ لطيف انصاري، ميان قيوم پارٽي ۾ شامل ٿي ويا، پهريون ڀيرو پارٽي جا سنڌ کان ٻاهر يونٽ کليا. نه صرف اهو بلڪ حيرت انگيز طور پارٽي کي سڄي سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن ۽ مڊل ڪلاس جي راڄڌاني يعني قاسم آباد 72

Gul Hayat Institute

پولنگون اسٽيشنون ڪترايون ۽ سترنهن هزار ووٽ ڏنا. اها ڳالهه ۽ مقبوليت پارٽي جا اڪثر ڪارڪن سمجهن ٿا ۽ سنڌ جي تباهي خلاف بار بار جدوجهد شروع ڪرڻ جو مطالبو بہ ڪن ٿا, انڪري ئي گذريل سال ڏيڍ کان اوچتي خاموشي تي هو خود بہ حيران آهن. تازو جولاءِ جي مرڪزي ڪميٽي جي ميٽنگ ۾ بہ ايازلطيف صاحب حسب دستور ذوالفقارآباد، بحريہ ٽائون، ڪرپشن، ورهاڱي جي سازش، ڪالاباغ، بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ ڊي ايچ اي خلاف سنڌ ليول جي جدوجهد، لانگ مارچ، ڌرڻن ۽ بيداري مارچ جي پرجوش تجويز رکي، ۽ سواءِ ٻن ساٿين جي ٻي سڄي مرڪزي ڪميٽي ان تجويز جي ڀرپور حمايت ڪري فوري جدوجهد شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني، هڪ پنج رڪني ڪميٽي ٺهي جنهن کي ٻي ڏينهن تاريخ جو اعلان ڪرڻو هو پر پوءِ گذريل ڏيڍ سال جيان هن ڀيري ان ڪميٽي بہ نہ احتجاج جي تاريخ بابت ڪو ميسيج ڪيو ۽ نہ جدوجهد شروع ڪرڻ جو ڪو بيان هلايو. هڪ سينيئر اڳواڻ کان پڇيم تہ سائين مرڪزي ڪميٽي جي 99 سيڪڙو ميمبرن جي فيصلي ۽ منظوري ۽ اياز صاحب جي مسلسل بيپناهه خواهش کان پوءِ بہ ڇو جدوجهد جي تاريخ اناؤنس نہ ٿي ؟ چيائين ڀلي ضلعي ناظمن جو چونڊون ٿي وڃن پوءِ ڏسبو. تيسين اوهان صرف تربيتي ڪلاس ۽ اسٽڊي سرڪل هلايو. قومي سڄاڳي ۽ احتجاج جي تحريڪ کي جيترو زور دشمن کي ختم ڪرڻ لاءِ صرف ڪرڻو آهي، اُن کان وڌيڪ گهري سوچ سان پنهنجين ڪمزورين، غلطين ۽ اوڻاين کي ختم ڪرڻ، دور ڪرڻ ۽ انهن کان جان ڇڏائڻ، صفن کي مضبوط، تيار ۽ تيز رفتار بنائڻ لاءِ صرف ڪرڻ گهرجي، جدوجهد ڪهڙي وقت شروع ٿي ٿئي. ۽ ڪهڙي وقت ٿو عوام ۾ پنهنجي قومي ۽ وطني تحفظ عزت ۽ شاندار زندگيءَ جي آغاز جو احساس ۽ شعور پيدا ٿئي، اها ڳالهہ درپيش فوري خطرن، حاڪمن جي پليسيز هلت چلت، ڦرلٽ جي طريقن، عوام جي معيار زندگي، پيش آيل خطرن ۽ پيداواري ذريعن جي ڪيفيتن تي منحصر آهي. پاڻ سڀ باشعور ماڻهو سمجهون ٿا تہ هن وقت سنڌ تباهي ۽ بربادي جي ڳن ۾ غرق ٿيندي پئي وڃي، اڄ جيڪو بہ سياسي ماڻهو اهڙين بدترين حالتن ۾ پيپلز پارٽي، انتهاپسندي، سامراج يا ايم ڪيو ايم مخالف ڪنهن وڏي

Gul Hayat Institute

جدوجهد، وڏن جلسن، ريلين ڌرڻن جي سڏي يا اڻ سڏي مخالفت ڪري، يا انتظار ڪرڻ جون صلاحون ڏئي يا سنگت کي ڪنهن ٻي بيمعلي ڪم، تاريخ يا ارتقا يا 1940 واري قرارداد جي تجزيي ۾ لڳائي يا سائين جي ايم سيد وارا ماٽ ڪري ويهن وارا دليل ڏئي ته پوءِ پڪ سان هو يا سياسي طرح بنه نابالغ ٻار ۽ ذهني معذور آهي يا ته شروع کان ايجنسين پاران فٽ ڪيو ويو آهي يا وري پيپلز پارٽي جي ڪنهن وزير، ليڊر يا وڏيري جي پگهار تي، سياسي پارٽين ۽ ڪارڪنن کي جدوجهد کا روڪي اها پگهار پيو حلال ڪري. نه ته ڇو هو هڙئي نسوري ناحق، ڪرپشن، ظلم، لوڊشيڊنگ، پاڻي جي ڪوٽ، نوڪرين جي وڪري، اٿليل گٽرن، مهنگائي، غربت، خودڪشين ۽ بيروزگاري تي به ميدان ۾ نڪرڻ ۽ وڏي جدوجهد لاءِ پاڻ به تيار ناهي ۽ ٻين کي به ڪوڙا دليل ڏاهيو روڪي پيو؟ آخر ڇا لاءِ؟ ڪنڊڪوٽ جي هڪ دوست ٻڌايو ته ڏهه ٻارنهن ڏينهن اڳ سندس ملاقات اياز صاحب سان ٿي، هُن ٻڌايو ته کيس اياز صاحب ۾ هڪ عجيب بيچيني ۽ بيزاري نظر آئي جڻ هوگهڻو ڪجهه ڪرڻ چاهيندو هجي پر سندس هٿ ٻڌل هجن. جڏهين هن کيس چيو ته "سر سنڌ ٻري ۽ ايامي پئي ۽ اها اياز لطيف پليجو صاحب جي طوفاني جلسن، ريلين ۽ احتجاج جي انتظار ۾ آهي، فقط اوهان ئي اڳ جيان وايو منڊل متائي سگهو ٿا" ته هن ٿڪي مرڪ مرڪندي ۽ نالا وٺندي چيو ته "فلاڻا فلاڻا سينئر ساٿي سمجهن ٿا ته پهرين ٻئي سال فلاڻا ضروري ڪم ڪري وٺجن باقي وڏين جدوجهدن ۽ عوامي رابطن کي پوءِ ڏسبو ۽ ممڪن آهي ته هو صحيح هجن ۽ پاڻ سڀ غلط هجون." هن ساٿي وڌيڪ پڇين ته سر پلا جي ڊي اي کي وڌيڪ سرگرم ڪجي؟ ان تي اياز صاحب چيس ته "اهي پي پي مخالف وڏيرا ڪيڏي مهل به پي پي، ايم ڪيو ايم يا اسٽيبلشمينٽ سان ٺهي سگهن ٿا، اسان کي بنيادي طرح پنهنجي پارٽي جون سرگرميون ۽ جدوجهدون تيزي سان وڌائڻ گهرجن ها ۽ سڄي سنڌ ۾ ٻيهر بيداري مارچ ڪرڻ گهرجي ها."

عوامي ڇوٽڪاري جي تحريڪ جو بنياد انهن قدرن، سوچن ۽ لاڙن تي رکڻ گهرجي، جيڪي هڪ قوم جي تشڪيل ۽ تنظيم لاءِ بنيادي متا ۽ اصول بنجي سگهن. خاص ڪري اهڙين حالتن ۾ جڏهن صدين جي ڏکهي غلامي ۽ اُن دوران قابض ڌرجون هاڃيڪار ڪارروايون، قومن مان

Gul Hayat Institute

طبقاتي ۽ قومي شعور ۽ احساس ختم ڪري ڇڏين ۽ ان قوم ۾ انيڪ خرابين سان گڏ اٽسهپ، گروهي، قبيلائي، طبقاتي ۽ ذهني اختلاف، مونجهارا ۽ ويڇا پيدا ڪري ڪين عزت، مانُ ۽ وقار سان زنده رهڻ، تنقيد ۽ خود تنقيد برداشت ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي ولولي کان محروم ڪري، ڇڙوڇڙ ۽ بي ترتيب جانورن جي ڌڻ ۽ ولر ۾ تبديل ڪري ڇڏينديون آهن. بهرحال جي اياز صاحب ۽ پارٽ سڀ غلط آهيون تہ پوءِ تہ ٿيو خير پر جي ميدان ۾ لهڻ ۽ ڪرپشن ۽ بيروزگاري ۽ تعليم ۽ نظام جي تباهي خلاف جدوجهد هن وقت جي تاريخي ۽ فوري ضرورت هجي ۽ اسين ڪريون پيا دير يا انتظار ۾ آهيون ناظمن جي چونڊ جي تہ پوءِ؟ جي اسين اياز صاحب کي جنهن لاءِ استاد محترم پليجي صاحب چيو آهي تہ هو سنڌ کي تاريخ پاران مليل هڪ معجزو آهي ان کي ضايع ڪري ڇڏيون يا ان معجزي مان امڙ سنڌ لاءِ ڪو ملائتو ڪم نہ وٺي سگهون، يا هو مسلس بيپناه ناجائز مخالفت. پنهنجن پاران سندس دفاع نہ ڪرڻ، غير سرگرمي ۽ سازشن کان بيزار ٿي پارٽ لاتعلق ٿي وڃي وڪالت يا ٻي ڪنهن ڪم ۾ لڳي تہ پوءِ؟ ٻي طرف سڄي سنڌ ۾ پي پي پي جي حقيقي مخالفت نہ ڏسي شيرازين، مهرن، چانڊن، امتياز شيخ، ايوب شيخ، عاقب جتوئي، جامي چانڊيو، حسنين مرزا، حڪيم بلوچ، امر سنڌو غلام نبي مغل، نصير ميمڻ، عنايت بلوچ، نصير مرزائن وانگر سڀ موقعي پرست جوق در جوق وڃي پي پي پي ۾ شامل يا پگهاردار ٿين ۽ 2018 ۾ پي پي پي ۽ بلاول ڀيهر اسٽيبلشمينٽ جي مدد سان بوگس اليڪشن کٽي 2023 تائين پنج سال ٻيا ۽ پوءِ 2028 تائين پنج سال ٽيا بہ سنڌ لٽڻ، وسيلا ڪپائڻ ۽ ايندڙ نسل تباهہ ڪرڻ لاءِ وري اسان جي سرن تي اچي سوار ٿئي تہ ان جو ذميدار ڪير هوندو؟

آئون هي سڄي مٿين ڪٿا خط ذريعي ڪجھ ڏينهن اڳ پارٽي جي ٽن اهم عهديدارن کي بہ موڪلي چڪو آهيان، ڏسجي. منهنجي خواهش آهي تہ اها جانچ ۽ تحقيق بہ ضرور ڪرڻ گهرجي تہ هن جديد دور ۾ سرگرم ترين ۽ تيزي سان چائنجندڙ سياسي پارٽين کي غير متحرڪ ڪرڻ، وڏين جدوجهدن، جلسن ۽ ريلين کان ڪٽي ڪمرن ۾ بند ڪرڻ، فوٽو سيشنز تائين محدود ڪرڻ، غير فعال بنائڻ، غير سرگرم رکڻ يا آهستي آهستي مات ميٽ ۾ ويهاري ڇڏڻ جا نسخا ڪهڙا آهن ۽

Gul Hayat Institute

اهي سال ڏيڍ کان ڪٿي ڪٿي ۽ ڪير ڪير عمل ۾ پيو آڻي؟ ۽ اصل ڏور ڪٿان پئي ڇڪجي؟ ان تي بہ سوچجي تہ ايازلطيف صاحب ۽ هزارين ڪارڪنن جي بار بار خواهش ۽ ڪوشش جي باوجود سال ڏيڍ کان سنڌ ۽ ملڪ گير ليول تي پاڻ خاموش ڇو آهيون؟ ڪٿي ان جو فائدو ٻيون متحرڪ ڌريون تہ نہ پيو وٺن؟ هڪ طرف جلال شاهہ قادر مگسي، نياز ڪالاڻي، راشد محمود سومرو ۽ ابرار قاضي مسلسل وڏن شهرن جي دورن تي آهن. ايس يو پي جي ميمبرشپ، جي يو آءِ ۽ جماعت دعوي جي نوان مدرسا کولڻ واري مهم ۽ اي جي پي جي تعليمي مارچ شاهراهن ۽ ننڍن وڏن شهرن ۾ پئي هلي. مراد علي شاهہ ۽ سندس وزيرن جي ڊرامن کي ميڊيا ۽ وڪاٽل ليڪڪ سر تي کنيو بيٺا آهن. ايم ڪيو ايم بڪ هڙتالن تي ويٺل آهي، بلاول، عمران ۽ قادري جا جلسا بہ جاري آهن ۽ اسين؟؟؟ اسين ڇا پيا ڪريون؟

هڪ مفڪر جو چوڻ آهي تہ 'جهڙيءَ ريت ڪوبہ ماڻهو اهو نہ ٿو ٻڌائي سگهي تہ مون کي ننڊ ڪهڙي وقت آئي، يعني ٺيڪ ڪلاڪ ۽ منٽ نہ ٿو ٻڌائي سگهي، بلڪل اهڙيءَ ريت ڪنهن قوم جي زوال ۽ پستيءَ جو ڏينهن، هفتو مهينو ۽ وقت نہ ٿو مقرر ڪري سگهجي. البتہ ڪجهہ نشانيون ۽ علامتون، پار ۽ پتا، ڏس ۽ اهڃاڻ آهن، جن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ هي قوم زوال ڏانهن وڃي رهي آهي. منجهانئس قومي ترقي ۽ زندگيءَ جو ولولو ۽ تحرڪ ختم ٿي ويو آهي. انهن اهڃاڻن مان سڀ کان وڏو اهڃاڻ ۽ نشان هي آهي، تہ قوم جي فردن مان اجتماعي ۽ گڏيل قومي مفادن واري سوچ ۽ عوام جي سمنڊ کي متحرڪ ڪرڻ جي خواهش ختم ٿي وڃي ۽ ان جي جاءِ تي ڪنڊ پاسي ۾ ويهي انفرادي ۽ ذاتي ۽ گروهي فائدي حاصل ڪرڻ جي سوچ اچي وڃي، سنڌ ۾ آيل مفاد پرستي، ڪرپشن ۽ اقتصادي، سماجي ۽ سياسي تباهي جي هن سيلاب آڏو بند فقط قومي عوامي تحريڪ پنهنجي شاندار تنظيم، بيمثال عوامي جدوجهد ۽ انقلابي نظريعي سان ئي ٻڌي سگهي ٿي، اسان جي پارٽي ئي آهي جنهن مان سنڌ کي بيپناهہ اميدون آهن.



Gul Hayat Institute

**Kamal Laghari 7 september 2016 (09:25) PM 1 hr**

غير ذميداري ۾ ناانصافي جي بہ انتها آهي، هڪ طرف دنيا جي سمورن جمهوري روايتن، اصولن، ضابطن جي ڇيڪڙي ڪري، مرڪزي صدر، مرڪزي جنرل سيڪريٽري، مرڪزي آفيس سيڪريٽري، مرڪزي سوشل ميڊيا سيڪريٽري، مرڪزي ڪميٽي جي ميمبرن، محاذن جي قيادت عزيز ٽالپر، مقصود جهتيال، انور نوحاڻي، زاهد گهلو ڪاشف خاصخيلي، ابراهيم بگٽي، ناهيد جوڻي، عنايت لاشاري، عارف راڄپر، الطاف خاصخيلي، روشن ڪنراڻي ۽ ٻين سوين اهم ماڻهن جي غير موجودگي ۾ انصاف ۽ پارٽي تاريخ جا ليڪا لتاڙيندي، بخيا اڌيڙيندي، مرڪزي صدر خلاف سندس غير موجودگي ۾ پروپيگنڊا ڪئي وئي، واحيات الزام هنيا ويا، 300 ماڻهن کي بنا ايجنڊا ٻڌائڻ جي دوکي سان گهرائي استعمال ڪيو ويو ٻي طرف وري ماڻهن کي ٺڳي، انهن کي جمهوريت، ڊسيپلين، انصاف ۽ ضابطي جو درس بہ ڏنو پيو وڃي. ڪمال آهي. هڪ طرف اختلافن بابت دستگير ڀٽي، دودي، ادريس چانڊيو واهوچي کي معلومات بہ ڏني پئي وڃي تہ ظابطن جي پاسداري جا حڪم بہ جاري پيا ٿين، 300 ماڻهن کي بنا ايجنڊا ٻڌائڻ جي دوکي سان گهرائي ڪوڙي پروپيگنڊا صحيح آهي، باقي ساڳي پارٽي جي 300 ماڻهن کي هتي فيسبڪ تي حقيقت ٻڌائڻ بيضابطگي آهي؟ هڪ طرف قادر رانٽو پاڻ فيسبڪ تي گروپ ٺاهي مرڪزي صدر خلاف سازش بہ ڪري پيو ۽ جڏهين آزاد ميرواهي، عنايت کوسو مرتضيٰ جوکيو ۽ ٻيا سندس پارٽي دشمن سازش تي اعتراض ٿا ڪن، تہ انهن سيني کي هو گروپ مان ڪڍيو ڇڏي (ثبوت هيٺ تصويرن ۾ ڏسو) سو وري پارٽي درد ۾ غلطان بہ آهي. هڪ شخص جيڪو خود هڪ شهيد ساٿي جي گهرواري کي دوکي سان فليٽ تي گهرائي، ان آڏو شراب پيئي تو ۽ مٿان خاندان جا ٻيا ياتي اچي اوچتو ڇاپو هڻن ٿا، ان شخص خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪانهي، ڪا بہ پڇا ڪانهي، راحيل پنهو سچو ڏينهن مرڪزي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري کي گاريون پيو ڏئي اهو بہ صحيح آهي، باقي ٻين کي ڊسيپلين جون هدايتون پيون جاري پيون ٿين. ماڻهن کي ايترو بہ ديوار سان نہ لڳائجي جو اهي صبر ڪري ڪري نيٺ بيزار ٿي 46 سالن بابت سڀ ڪجھ صاف صاف انگن اکرن، ڪاغذن ۽ ثبوتن سان چئي وجهن تہ پوءِ....

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

قیمت: ـ/50 روپیا